ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 23 اپريل 2026ع 05 ذوالقعد 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (248)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پهلگام واقعو: ڀارت ثبوت پيش ڪرڻ ۾ ناڪام، مودي انتظاميا جو اصل چهرو بي نقاب ٿي ويو: پاڪستان

پاڪستان پهلگام واقعي جي آزاداڻي جاچ ڪرائڻ جي آڇ ڪئي ته ڀارت ان کان ڀڄي ويو عالمي سطح تي پهلگام واقعي بابت سوال اٿاريا ويا، جن جو ڀارت وٽ ڪوبه تسلي بخش جواب موجود نه آهي

ڀارتي فوجي قيادت جا نئين آپريشن سنڌور بابت بيان انهن جي ناڪامي اعتراف آهن. ڀارت کي سمجهڻ گهرجي ته ڪنهن به قسم جي غلط ڪم جو ڀرپور، فوري، موثر ۽ فيصلائتو جواب ايندو

پاڪستان جي سياسي ۽ فوجي قيادت ملڪ جي دفاع لاءِ متحد آهي، سڄي قوم پنهنجي هٿياربند فوج سان گڏ بيٺل آهي، معرڪ حق ۽ آپريشن بنيان مرصوص ۾ پاڪستان کي ذلت آميز شڪست ڏني

فالس فليگ آپريشنز ۽ ڪوڙن واقعن تي ناهيل بي بنياد ۽ من گهڙت پروپيگنڊا کي عالمي سطح تي قابل قبول بڻائڻ انتهائي ڏکيو هوندو آهي، ڀارتي حڪومت هڪ موثر بيانيو جوڙڻ ۾ ناڪام رهي آهي

فالس فليگ آپريشن ڀارت جي تاريخ رهيا آهن. ڀارت سدائين دهشتگردي کي هٿي ڏيندڙ رهيو آهي، پهلگام ۾ ڀارتي دهشتگردي جو شڪار ٿيندڙ شهرين سان همدردي ۽ افسوس جو اظهار ڪريون ٿا

ڀارتي ميڊيا پروپيگنڊه هٿيار طور جنهن انداز ۾ جنگي ماحول پيدا ڪيو ۽ ڪوڙيون ۽ بي بنياد خبرون نشر ڪيون، ان سان عالمي سطح تي ان جو بدصورت چهرو بي نقاب ٿيو: وفاقي وزير اطلاعات عطاءُ الله تارڙ

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُالله تارڙ چيو آهي ته پهلگام فالس فليگ آپريشن کي هڪ سال گذري ويو آهي، پر ڀارت اڄ ڏينهن تائين پنهنجي موقف جي حق ۾ ثبوت پيش ناهي ڪري سگهيو. فالس فليگ آپريشن ڀارت جي تاريخ آهي. پاڪستان پهلگام واقعي جي آزاداڻي جاچ ڪرائڻ جي آڇ ڪئي ته ڀارت ان کان ڀڄي ويو عالمي سطح تي پهلگام واقعي بابت سوال اٿاريا ويا، جن جو ڀارت وٽ ڪوبه تسلي بخش جواب موجود نه

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم سان برطانوي هاءِ ڪمشنر جي ملاقات، پاڪستان جي واکاڻ

ٻنهي اڳواڻن ملاقات دوران اڀرندڙ علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ايراني سفير وزيراعظم شهباز شريف سان ملي رهيو آهي

گڏيل قومن پاران آمريڪا- ايران جنگبندي ۾ واڌ جي آجيان

اڳڀرائي سفارتڪاري ۽ اعتماد سازيءَ لاءِ اهم موقعا فراهم ڪري ٿي

سموريون ڌريون جنگبنديءَ کي متاثر ڪرڻ وارن قدمن کان پاسو ڪن

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگبندي ۾ واڌ جي آجيان ڪندي ان کي چڪتاءَ ۾ گهٽتائي طرف اهم قدم قرار ڏنو آهي. گڏيل قومن جي ترجمان اسٽيفن دوجارڪ بيان ۾ چيو ته اها اڳڀرائي ٻنهي ملڪن وچ ۾ سفارتڪاري ۽

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

آمريڪي صدر وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي چوڻ تي جنگبندي ۾ واڌ ڪري ڇڏي

ايراني حڪومت اندروني طور ڏڦيڙ جو شڪار آهي، فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي درخواست تي في الحال ايران تي حملا ملتوي ڪري رهيو آهيان: صدر ٽرمپ

پاڪستان جي فيلڊ مارشل ۽ وزيراعظم طرفان اسان کي چيو ويو آهي ته ايران تي حملو ان وقت تائين ملتوي ڪيو وڃي، جيستائين انهن جي قيادت ۽ نمائندا ڪنهن گڏيل تجويز تي متفق نٿا ٿي وڃن

ايران شديد معاشي بحران جو شڪار آهي، مون آمريڪي فوج کي حملا نه ڪرڻ جي هدايت سان گڏ ايران خلاف بحري ناڪابندي جاري رکڻ ۽ هر ممڪن صورتحال لاءِ تيار رهڻ جا به حڪم ڏنا آهن

ايران سان جنگبندي ان وقت تائين برقرار رهندي، جيستائين ايران طرفان باضابطا طور تجويز پيش نٿي ڪئي وڃي ۽ ڳالهيون ڪنهن نتيجي تائين نه ٿيون پهچن: آمريڪي صدر جو اعلان

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اعلان ڪيو آهي ته فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي درخواست تي في الحال ايران تي حملا ملتوي ڪري رهيو آهيان پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽرٿ سوشل تي بيان ۾ آمريڪي صدر دعويٰ ڪئي ته ايراني حڪومت اندروني طور ڏڦيڙ جو شڪار آهي هن چيو ته پاڪستان جي فيلڊ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم آمريڪا ۽ ايران ۾ جنگبندي ۾ واڌ تي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو شڪريو ادا ڪيو

اميد ته اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ڳالهين جي ٻئي دور ۾ هڪ جامع "امن معاهدي" تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي وينداسين: وزيراعظم

ذاتي طور تي ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي طرفان صدر ٽرمپ جو ٿورائتو آهيان اسان ڳالهين ۾ اڳڀرائي لاءِ ڪوششون ڪريون پيا

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ جنگبندي ۾ واڌ تي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جا ٿورا مڃيندي اميد ظاهر ڪئي آهي ته ٻئي ڌريون جنگبندي تي عملدرآمد

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ پوليو جي خاتمي بابت اعليٰ سطحي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ملڪ مان پوليو جي موذي مرض جي خاتمي لاءِ پرعزم آهيون: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ پوليو جي خاتمي بابت اهم جائزه اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ وزيراعظم پوليو خلاف جنگ ۾ پوليو جي خاتمي واري ٽيم جي ڀرپور واکاڻ ڪئي

ڪراچي ۾ مارچ ۾ 12 مان 10 ماحولياتي نمونن ۾ پوليو وائرس نه ڏٺو ويو جيڪا هڪ سٺي اڳڀرائي آهي

سال 2026ع دوران هيستائين پاڪستان ۾ پوليو جو رڳو هڪ ڪيس، سڄاول ضلعي مان رپورٽ ٿيو: بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ملڪ مان پوليو جي مڪمل خاتمي جي عزم جو اظهار ڪندي پوليو جي خلاف جنگ ۾ پوليو جي خاتمي جي ٽيم جي ڀرپور ڪوششن کي ساراهيو آهي. ڪالهه اربع ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ پوليو جي خاتمي بابت اهم جائزه اجلاس

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار سان ترڪ وزير جو فون، تڪرار جي حل تي ڳالهيون

ٻنهي اڳواڻن خطي ۾ ٿيندڙ تازي اڳڀرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

اي ڊي ايف جي موقعي تي آر- 4 جي ٿيڻ اجلاس جي ميزباني پڻ ترڪي ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ترڪيه جي پرڏيهي وزير هاڪان فيدان سان

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي کان سکر ايم 6 موٽروي ترقي جو اهم رستو ۽ معاشي خوشحالي ڏانهن فيصلائتو قدم آهي: عبدالعليم خان

ايشيائي ترقياتي بئنڪ ۽ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي وچ ۾ اسٽريٽيجڪ معاهدو تاريخي ڪاميابي آهي

منصوبو 30 سالن کان التوا جو شڪار هو ۽ رڳو ٻن سالن جي ڪوشش سان هي اهم سنگ ميل حاصل ڪيو آهي

اسلام آباد (ه د) وفاقي وزير براءِ مواصلات عبدالعليم خان ڪراچي کي سکر سان ڳنڍيندڙ ايم 6 موٽروي جي تعمير لاءِ ايشيائي ترقياتي بئنڪ (ADB) ۽ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي (NHA) وچ ۾ اسٽريٽيجڪ

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي گدلاڻ سڄي دنيا لاءِ خطرو بڻجي چڪا آهن: شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت صوبي ۾ ماحول جي تحفظ لاءِ مختلف رٿائن تي ڪم ڪري رهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران مس ڪنڊڪٽ ۾ ملوث ٻه سول جج نوڪري مان برطرف

برطرف ٿيندڙن ۾ ڪراچي اوڀر جا جوڊيشل آفيسر زاهد مهيري ۽ نياز ممنڌرئي شامل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ صوبي سنڌ جي ماتحت عدالتن ۾ آپريشن ڪلين اپ شروع سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ملير ايجوڪيشن سٽي زمين ڪيس: وڏي وزير سميت فريال ٽالپر، ڊاڪٽر عاصم ۽ ٻين کي نوٽيس جاري

سنڌ هاءِ ڪورٽ آئيني بينچ ۾ سرڪاري زمين مبينا طور غيرقانوني طور الاٽ ڪرڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

نيب چيئرمين، چيف سيڪريٽري سنڌ، آءِ جي سنڌ، سيڪريٽري بورڊ آف ريونيو، ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ پڻ طلب

اربن روپين جي مجموعي طور لڳ ڀڳ 19 هزار 600 ايڪڙ زمين جي مبينا غيرقانوني الاٽمينٽ ٿي آهي: وڪيل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ آئيني بينچ ملير ضلعي ۾ ايجوڪيشن سٽي جي نالي تي اربن روپين جي 20 هزار ڪنال وڏيڪ سرڪاري زمين مبينا طور غيرقانوني طور الاٽ ڪرڻ وارو معاملو عدالت پاران لکت ۾ نوٽس جاري ڪري جواب طلب عدالت پيپلزپارٽي اڳواڻ فريال ٽالپر، وڏي وزير مراد علي شاهه

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان پاڪستان ۾ ايراني سفير رضا اميري مقدم جي ملاقات

ملاقات ۾ علائقائي صورتحال ۽ امن ڪوششن سان لاڳاپيل معاملن تي ڳالهيون

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ وزيراعظم جو خاص مددگار طارق فاطمي پڻ موجود هئا

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان پاڪستان ۾ ايراني سفير رضا اميري مقدم ملاقات ڪئي اربع

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت سامونڊي علائقن جي ترقي، ماهيگيرن جي ڀلائي لاءِ عملي قدم کڻي پئي: دوست محمد راهمون

لٽ بسمتي ۽ فلوٽنگ جيٽي ۽ ڪميونٽي سينٽر جو قيام ان سلسلي جي اهم ڪڙي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ملير هالٽ انڊر پاس جي اڏاوت لاءِ اين او سي جاري ڪرڻ جو حڪم، ڪي آر سي بحالي تي اتفاق

وزيراعليٰ هائوس ۾ وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ وفاقي ريلوي وزير حنيف عباسي واچ ۾ اهم اجلاس ٿيو

مضافاتي ٽرين سروسز ۽ ڪراچي سرڪلر ريلوي جي بحالي، پراڻي ريلوي پٽڙين جي مرمت تي اتفاق

ڪراچي روهڙي ۽ جيڪب آباد وچ ۾ ڪوٽڙي ۽ دادو رستي تي نئين ٽرين سروسز جي آغاز جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وفاقي ريلوي وزير حنيف عباسي سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ مضافاتي ٽرين سروسز جي بحالي، ڪراچي سرڪلر ريلوي جي بحالي، پراڻي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ريلوي وارو وفاقي وزير محمد حنيف عباسي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان ملاقات ڪري رهيو آهي، سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ صوبائي وزير ناصر شاهه چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه ۽ ٻيا پڻ موجود آهن

آبناءِ هرمز ۾ ٻن بحري جهازن تي ايراني فوج جي فائرنگ، ڇڪتاڻ وڌي وئي

هڪ جهاز اطلاع ڏنو ته ان تي ايران جي سمنڊ پرسان تقريبن 8 نائيڪل ميل پري اولهه ۾ فائرنگ ڪئي وئي

فائرنگ سبب جهاز جي برج کي سخت نقصان پهتو، متاثر جهاز ايم ايس سي فرانسسڪا، دمام کان سنگاپور وڃي رهيو هو

ايم ايس سي فرانسسڪا ۽ ايپامينونڊاس کي تحويل ۾ وٺي ايراني سمنڊ تي منتقل ڪيو پيو وڃي: پاسداران انقلاب

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نار ۾ ڇڪتاڻ سبب سامونڊي سيڪيورٽي صورتحال وڌيڪ سنگين ٿي وئي، جتي آبناءِ هرمز پرسان ٻن مختلف بحري جهازن تي فائرنگ جا واقعا رپورٽ ٿيا آهن ميري ٽائم ذريعن موجب هڪ جهاز اطلاع ڏنو ته ان تي ايران جي سمنڊ پرسان تقريبن 8 نائيڪل ميل

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

نيب جي سينيئر آفيسر عبدالحفيظ سومرو جي آءِ جي سنڌ سان ملاقات

آءِ جي سنڌ پوليس پاران ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائيم ۾ واڌ تي گهٽتائي

سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال مجموعي طور بهتر ٿي آهي: جاويد عالم اوڍو

عوامي تاثر کي بهتر بڻائڻ لاءِ پوليس پنهنجي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻائي

ڪراچي (اي پي پي) آءِ جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو چيو آهي ته سڄي صوبي ۾ امن امان جي صورتحال مجموعي طور

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

بنا نمبر پليٽ گاڏي هلائيندڙ خلاف رڳو چالان نه پر سڌو ڪيس داخل ٿيندو: آءِ جي سنڌ

ڪراچي شهر ۾ بغير نمبر پليٽ گاڏيون هلائڻ وارن خلاف پوليس جي مهم جاري آهي

سيف سٽي ڪيمرائن ذريعي قانون ٽوڙيندڙن جي سڃاڻپ ڪئي پئي وڃي، سخت ڪارروائي ٿيندي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جو چوڻ آهي ته هاڻي بغير نمبر پليٽ گاڏي هلائڻ وارن خلاف صرف

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جو نوجوان باصلاحيت آهي، کيس مثبت ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي: محمد علي ملڪاڻي

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال بابت سمورن ايس ايس پيز سان آن لائن گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

گذريل رات پيڪ ٽائيم ۾ بجلي جي فراهمي بهتر رهي: پاور ڊويزن جو ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) پاور ڊويزن جي ترجمان چيو آهي ته گذريل رات پيڪ ٽائيم ۾ بجلي جي فراهمي بهتر رهي، ڊيمن مان صوبن طرفان گهرج تي پاڻيءَ جي نيڪال سان 5125 ميگاواٽ بجلي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ ايئرپورٽن تي گڏيل چيڪنگ ڪائونٽرز ۽ جديد ٽيڪنالاجي لڳائڻ جو فيصلو

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ گهرو ۽ دفاع واري وزارت جو هڪ خاص گڏيل اجلاس ٿيو

جهازن کي پکين سبب ٿيندڙ حادثن کان بچائڻ لاءِ جديد ترين مشينري درآمد ڪئي پئي وڃي: سيڪريٽري دفاع

گڏيل چيڪنگ سان مسافرن ۾ وقت جي بچت ٿيندي ۽ ايئرپورٽن تي رش ۽ انتظار جي ڪيفيت ۾ نمايان گهٽتائي ايندي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ گهرو ۽ دفاع واري وزارت جو هڪ خاص گڏيل اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ سڄي ملڪ جي ايئرپورٽس تي مسافرن کي عالمي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڌرتيءَ جو تحفظ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي: مراد علي شاهه

موسمياتي تبديلي، گدلاڻ ۽ غير فطري سرگرميون ڌرتيءَ کي نقصان پهچائي رهيون آهن

پائيدار ترقي لاءِ انسان ۽ فطرت وچ ۾ هم آهنگي انتهائي ضروري آهي : پيغام ۾ اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ هائوس مان جاري ڪيل بيان موجب سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڌرتيءَ جي عالمي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

راضيديرو پوليس پاران جوابدار کي گرفتار ڪري منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

راضيديرو (ن ع) راضيديرو لڳ ريڙي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوالهيار ۾ پيپلز بس سروس جو افتتاح، عوام لاءِ سستي سفري سهولت جو اعلان

شرجيل انعام ميمڻ ٽنڊوالهيار جي عوام کي هڪ بهترين تحفو ڏنو آهي: امداد پتافي

هي اسان جو خواب هو اسان هن سروس کي سموري ضلعي ۾ شروع ڪنداسين: ذوالفقار بجاڻي

پ پ هميشه عوامي خدمت ڪئي آهي، هن سروس سان عوام کي وڏو سفري فائدو پهچندو: ظهير عباس

ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻايو اڄ سموري دنيا جون نظرون پاڪستان ۾ آهن

ٽنڊوالهيار (رپورٽ: راجا ساجد خانزاده) ٽنڊوالهيار ۾ پيپلز بس سروس جي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب بعد ايم اين اي ذوالفقار ستار بجاڻي . اڳوڻي صوبائي وزير ايم پي اي امداد خان پتافي. ضلعي صدر ظهير عباس پتافي ۽ ٻين

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ٽنڊو الهيار: ذوالفقار ستار بجاڻي ۽ امداد پتافي پيپلز بس جو افتتاح ڪري رهيا آهن

ڌرتي جو عالمي ڏينهن صاف، سرسبز ۽ محفوظ ماحول پيدا ڪرڻ جو پيغام ڏئي ٿو: گيانچند ايسراڻي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي بحالي ڪاتي جي وزيراعليٰ سنڌ جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جو عالمي زمين جي ڏينهن تي پيغام عالمي زمين جو ڏينهن

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ماحولياتي تحفظ لاءِ فوري قدم کڻي رهي آهي: سعديه جاويد

آلودگي کان پاڪ سنڌ اسان جو خواب آهي، جنهن لاءِ عوامي تعاون جي ضرورت آهي

پلاسٽڪ جو استعمال گهٽائڻ ۽ صفائي ۽ فطرت جو توازن برقرار رکڻ لاءِ ٻيلن جو تحفظ ضروري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد جو ڌرتي جي عالمي ڏينهن تي پيغام سنڌ حڪومت ماحولياتي تحفظ لاءِ فوري قدم کڻي رهي آهي وڌندڙ گرمي ۽ موسمياتي تبديلي ڌرتيءَ لاءِ هڪ

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر اڳوڻي گورنر ڪامران ٽيسوري جي گهر پهچي سندس امڙ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه جي اڳوڻي گورنر سنڌ ڪامران خان ٽسوري جي رهائشگاهه تي آمد اسپيڪر اويس قادر

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 4 ڄڻا فوت ٿي ويا

دائود چورنگي ويجهو ٽرڪ جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار سعد ولد وقاص فوت ٿي ويو

ڪلفٽن ۾ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ واڪهڙو 60 سالن جو پيرسن عبدالله فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 4 ڄڻا فوت ٿي ويا جڏهن ته عورتن سميت 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا. لانڍي جي علائقي دائود چورنگي جي ويجهو ٽرڪ جي ٽڪر جي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

هالا ويجهو بجلي تار مان ڪرنٽ لڳڻ سبب مزدور زخمي اسپتال منتقل

هالا (ت ز) هالا ڀرسان ڳوٺ لقمان ڪوريجا ۾ نوجوان گهر جي ڇت تي ڪم ڪندي بجليءَ جي تارن ۾ وچڙجي زخمي - ڳوٺ

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ميهڙ فروٽ واپاري جي گدام کي باهه، 20 ريڙها سڙي رک

ميهڙ (ن ع) ميهڙ راميور محلا مختيار ڪار آفيس ڀرسان فروٽ جي واپاري سجاد علي

ڪراچي: پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل جو جنرل سيڪريٽري سردار عبدالرحيم اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

نوجوانن کي مڪمل ميرٽ تي سنڌ ڪرڪيٽ ٽيم ۾ شامل ڪيو ويندو: محمد بخش مهر

پاڪستان ڪپ ۾ شرڪت لاءِ سنڌ ڪرڪيٽ ٽيم جي جوڙجڪ بابت ٻيو اهم اجلاس منعقد ٿيو

ٽيم جي چونڊ جي طريقيڪار، ٽرائلز ۽ نوجوان رانديگرن کي موقعا فراهم ڪرڻ بابت غور ويچار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي رانديگرن ۽ نوجوانن جي معاملن واري وزير سردار محمد بخش مهر جي صدارت هيٺ پاڪستان ڪپ ۾ شرڪت لاءِ سنڌ ڪرڪيٽ ٽيم جي جوڙجڪ بابت ٻيو اهم اجلاس منعقد

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڊاڪٽر سازنگ ميمڻ جو قتل رياستي ادارن ۽ پوليس لاءِ سواليه نشان آهي: جماعت اسلامي

بدين واسي ڊاڪٽر کي رڪشا مان لاهي گهرواري آڏو گوليون هڻي قتل ڪرڻ جي سخت مذمت ڪريون ٿا

معصوم شهري گولين جو کاڄ بڻجي رهيا آهن، پر پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ننڊ ستل آهن

ڪراچي(بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ ڪراچي ۾ بدين واسي ڊاڪٽر کي رڪشا مان لاهي گهرواري آڏو گوليون هڻي قتل ڪرڻ واري واقعي جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ايچ آءِ وي ڪيسن ۾ حڪومتي نااهلي ۽ مجرمانه غفلت جو ثبوت آهي: حليم عادل

لاڙڪاڻي کان ڪراچي تائين ايڇ آءِ وي جو ڦهلاءُ خطرناڪ حد تائين وڌي چڪو آهي

جعلي ڊاڪٽر، غير معياري ليبارٽريون ۽ ناقص بلڊ بئنڪس حڪومتي سرپرستي هيٺ ڪم ڪن پيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ سنڌ ۾ تيزي سان وڌندڙ ايچ آءِ وي ڪيسز تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته هي صورتحال صوبائي حڪومت جي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ "مقامي حڪومتن کي مضبوط ڪرڻ" بابت تربيتي سيشن منعقد

سيشن ۾ آئيني شقن، ادارتي ڍانچي ۽ اٿارٽي وڪالت جي حڪمت عملين کي اجاگر ڪيو ويو

اڳواڻن پاران مقامي حڪومتي نظام کي فروغ ڏيڻ لاءِ ڪوششون جاري رکڻ جو عزم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ليگل رائٽس فورم (ايل آر ايف)، آواز سي ڊي ايس-سينٽر فار ڊولپمينٽ سروسز جي تعاون سان هوٽل مهراڻ ڪراچي ۾ "مقامي حڪومتن کي مضبوط ڪرڻ" تي هڪ تربيتي سيشن

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سي پي اين اي جي پيريوڊيڪل ڪميٽي جي رسالن جي ماضي، حال، مستقبل ۽ جدجد گهرجن بابت تقريب

رسالن لاءِ اشتهارن جي عدم دستيابي ۽ هاڪرن جي تنظيم جو خاتمو وڏو چيلينج بڻيل آهي: سي پي اين اي

تقريب جي صدارت سي پي اين اي پيريوڊيڪل ڪميٽي جي چيئرپرسن منزه سهام ڪئي، پاڪستان جي رسالن تاريخ ۾ روشن باب لکيو آهي: مقرر

جيڪڏهن حڪومت سرڪاري اشتهارن لاءِ ميڊيا لسٽ ۾ رسالن کي به شامل ڪري ته اها هڪ خوش آئند ترقي هوندي: قاضي اسد عابد

رسالن کي پنهنجو وجود برقرار رکڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي جو استعمال ڪرڻو پوندو ۽ پڙهندڙن جي ذهن جو مطالعو ڪرڻو پوندو: اعجاز الحق

پبلشرز کي رسالن کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ پنهنجي آمدني کي پنهنجي اشاعتن ۾ بهتر سيڙپڪاري ڪرڻ جي ضرورت آهي: مظهر عباس

تقريب کي ڪاظم خان، غلام نبي چانڊيو، اعجاز الحق، وسعت الله خان، ڊاڪٽر توصيف، محمود عالم خالد ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

ڪراچي (پ ر) ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز (سي پي اين اي) جي پيريوڊيڪل ڪميٽي جي تحت آرمي سروسز ميس ۾ "رسالن جي ماضي، حال، مستقبل ۽ جديد گهرجن" جي عنوان سان تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ مئگزين/رسالن کي درپيش مسئلن ۽ انهن جي روشن مستقبل لاءِ ڪنيل قدمن تي غور ڪيو ويو تقريب جي صدارت سي پي اين اي پيريوڊيڪل ڪميٽي جي چيئرپرسن منزه

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: رسالن جي ماضي حال ۽ مستقبل ۽ جديد گهرجن بابت تقريب ۾ شريڪ ٿيل صحافي اڳواڻن جو گروپ فوٽو

دادو پوليس جون ڪارروايون، منشيات ۽ ڦر ٿيل موٽرسائيڪل هٿ، 13 جوابدار گرفتار

ميهڙ(ن ع) دادو پوليس جون ڪارروايون ، 13 جوابدار گرفتار، چرس ، شراب ، پنگ ۽ ڦر ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي جي هدايتن تي دادو پاران سرگرم ڏوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون جاري

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ملڪيت منتقلي تي ٽيڪس وصولي جو نظام مڪمل آن لائن بڻايو پيو وڃي: ناصر شاهه

فيصل آباد: ٻه ناريون پينٽنگز جي نمائش ڏسي رهيون آهن

ڪراچي ۾ مائٽن سان جهيڙي دوران فائرنگ ۾ پوليس جو اي ايس آءِ قتل ٿي ويو

اورنگي ٽائون حد ايم پي آر ڪالوني ۾ ٿي فائرنگ ۾ پوليس آفيسر اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر ابرار شاهه قتل ٿي ويو

واقعي تي هنڌ پوليس پهچي علائقي جو گهيراءُ ڪري مقتول پوليس آفيسر جو لاش اسپتال منتقل ڪيو

ايس ايس پي طارق الاهي مستوئي اسپتال جو دورو ڪري مقتول جي وارثن سان ملاقات ڪندي ڏک ونڊيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ اورنگي ٽائون ٿاڻي جي حد ايم پي آر ڪالوني واري علائقي ۾ پنهنجي مائٽن سان ڪنهن تڪرار تي جهيڙو ٿيڻ تي فائرنگ جي واقعي ۾ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر ابرار

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

سکر ۾ مهر ۽ جتوئي قبيلن ۾ تڪرار جي نبيري لاءِ ٿيل جرڳو ختم، فيصلي جو اعلان ٻن ڏينهن لاءِ ملتوي

سرپنچ سردار علي گوهر خان مهر، ڊاڪٽر ابراهيم جتوئي، عابد حسين جتوئي، غوث بخش خان مهر ۽ ٻين متاثرن جا بيان ٻڌا

ٻنهي ڌرين پاران هڪ ٻئي تي لڳ ڀڳ 55 ماڻهن جي قتل جا الزام ثابت ٿي چڪا آهن: سردار علي گوهر خان مهر

فيصلي کي پائيدار بڻائڻ لاءِ حڪومت کي به آن بورڊ ڪيو پيو وڃي، جيئن مستقبل ۾ اهڙو تڪرار ٻيهر جنم نه وٺي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ مهر ۽ جتوئي قبيلن وچ ۾ هلندڙ خوني تڪرار جي نبيري لاءِ ٿيل جرڳو بورڊ ويو جڏهن ته فيصلي جو اعلان ٻن ڏينهن لاءِ ملتوي ڪيو ويو آهي. سکر جي سرڪٽ هائوس ۾ چيئرمين

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

شهيد محترمہ بينظير ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف ٽراما

پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ پروگرامن لاءِ درخواستون (سيشن B-2026)

1	FCPS-II اينسٿيزيا لوجي (4 سال پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ پروگرام)
گهربل قابليت	لاڳاپيل شعبي ۾ FCPS پارٽ_ I پاس ٿيل هجي.
2	MCPS اينسٿيزيا لوجي (2 سال پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ پروگرام)
گهربل قابليت	MBBS سان گڏ هڪ سال هائوس جاب جو سرٽيفڪيٽ.
3	FCPS-II ايمرجنسي ميڊيسن (5 سال پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ پروگرام)
گهربل قابليت	ميڊيسن ۽ الائيڊ، جنرل سرجري يا اينسٿيزيا لوجي ۾ FCPS پارٽ_ I پاس ٿيل هجي.
4	FCPS-II آرٿوپيڊڪ سرجري (4 سال پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ پروگرام)
گهربل قابليت	FCPS پارٽ_ I پاس ٿيل هجي ۽ جنرل سرجري ۾ هڪ يا ٻہ سال ريزڊنسي مڪمل ٿيل هجي (ٻئي قسم جا اميدوار درخواست ڏئي سگهن ٿا).
5	FCPS-II اورل اينڊ ميڪسيلو فيشل سرجري (4 سال پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ پروگرام)
گهربل قابليت	لاڳاپيل شعبي ۾ FCPS پارٽ_ I پاس ٿيل هجي.
6	FCPS-II ٿوراڪڪ سرجري (3 سال پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ پروگرام)
گهربل قابليت	FCPS پارٽ_ I پاس ٿيل هجي ۽ جنرل سرجري ۾ ٻہ سال ريزڊنسي مڪمل ٿيل هجي.
7	FCPS-II ريڊيولوجي (4 سال پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ پروگرام)
گهربل قابليت	لاڳاپيل شعبي ۾ FCPS پارٽ_ I پاس ٿيل هجي.
8	MCPS ريڊيولوجي (2 سال پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ پروگرام)
گهربل قابليت	MBBS سان گڏ هڪ سال هائوس جاب جو سرٽيفڪيٽ.
9	FCPS-II پلاسٽڪ سرجري (3 سال پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ پروگرام)
گهربل قابليت	FCPS پارٽ_ I پاس ٿيل هجي ۽ جنرل سرجري ۾ ٻہ سال ريزڊنسي مڪمل ٿيل هجي.
10	سيڪنڊ فيلوشپ: انفڪشس ڊزيز (2 سال پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ پروگرام)
گهربل قابليت	FCPS پارٽ_ II (ميڊيسن ۽ الائيڊ) پاس سرٽيفڪيٽ.
11	سيڪنڊ فيلوشپ: واسڪولر سرجري (2 سال پوسٽ گريجوئيٽ ٽريننگ پروگرام)
گهربل قابليت	FCPS پارٽ_ II (جنرل سرجري) پاس سرٽيفڪيٽ.

اهم هدايتون:

- اهي اميدوار جيڪي اڳ ئي ڪنهن ٻئي اداري ۾ رجسٽرڊ آهن، انهن کي انٽرويو جي وقت CPSP کان NOC پيش ڪرڻي پوندي.
- جيڪي اميدوار FCPS-I جي نتيجي جا منتظر آهن اهي پنهنجي ذميواري تي اپلاءِ ڪري سگهن ٿا. انهن کي انٽرويو کان اڳ ڪاميابي جو نتيجو پيش ڪرڻو پوندو.
- سمورن سرڪاري ملازمن وٽ انٽرويو جي وقت صحت کاتي جي NOC هجڻ گهرجي. چونڊجڻ بعد سرڪاري آفيسر کي سنڌ حڪومت کان NOC/ڊيپيوٽيشن/ پوسٽنگ هڪ هفتي اندر جمع ڪرائڻي پوندي.

اهليت جو معيار:	نوٽ
❋ صرف سنڌ جو ڊوميسائل رکندڙ اميدوار درخواست ڏيڻ جا اهل آهن. ❋ جيڪڏهن اڳ ئي رجسٽرڊ هجي تہ CPSP رجسٽريشن جو سرٽيفڪيٽ. ❋ صحيح (Valid) PMDC رجسٽريشن. ❋ شعبي جي گهرج موجب MBBS / BDS ڊگري.	❋ سمورا اميدوار SMBB انسٽيٽيوٽ آف ٽراما ڪراچي جي ويب سائيٽ https:// pgme.smbbit.gos.pk تي اڱارو، 05 مئي 2026 رات 11:59 تائين آن لائن اپلاءِ ڪن. ❋ بينڪ چالان -/8,000 روپيا (ناقابل واپسي) سنڌ بينڪ لميٽيڊ جي ڪنهن بہ برانچ ۾ جمع ڪرائڻ لازمي آهي. ❋ بينڪ چالان جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ اڱارو، 05 مئي 2026 آهي. ❋ شارٽ لسٽ ڪيل اميدوارن کي ڪاغذن جي جاچ پڙتال ۽ جمع ڪرائڻ لاءِ گهرايو ويندو. ❋ انٽرنس ٽيسٽ اڱارو، 12 مئي 2026 تي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف ٽراما (SMBBIT) ڪراچي ۾ ورتي ويندي.

ڪنهن بہ سوال لاءِ رابطو ڪريو:
اي ميل: queries.pgme@smbbit.gos.pk
فون: 99215740-21-92+ ايڪسٽينشن: 7051

ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر
SMBB انسٽيٽيوٽ آف ٽراما ڪراچي

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com — JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/1539/2026

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن - 22 اپريل
صفحو 4

سنڌ جي خلاف سازش؟
محمد خان ابڙو
صفحو 4

راحا زاهد اختر
ڳالهين جي ميز يا طاقت جو باجوڙ؟ هرمز، اسلام آباد ۽ وقت جي وچ ۾ لٽڪيل دنيا
صفحو 4

سنڌ ۾ سياست، مزاحمت ۽ عوامي بيچيني: هڪ نئون موڙ
صفحو 4

سيهڙ وليج ۾ منشيات فروشن جي گرفتاري لاءِ پوليس چڙهائي، ڇڪرون، منشيات فروش فرار، ڪيس داخل

مختلف ٿاڻن جي پوليس ڳوٺ سيهڙ وليج تي چڙهائي ڪئي، عورتن جي پوليس سان مزاحمت، ڇڪرون

منشيات فروش فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب، پوليس مزاحمت ڪندڙ 31 ڄڻن تي سرڪاري فرياد تي ڪيس داخل ڪري ورتو

ڪيس ۾ 9 سڃاتل ۽ 22 اڻ سڃاتل عورت سميت مرد شامل، منشيات فروشن کي پڄائي غير قانوني ڪم ڪير رهيو: پوليس

سيهڙ اسٽيشن (رپورٽ: وقار علي هيسباڻي) سنڌ پوليس طرفان صوبي ۾ منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪرڻ واري اعلان بعد تعلقي ڏوڪري جي مختلف ٿاڻن جي پوليس سيهڙ ٿاڻي جي حد ۾ منشيات فروشن جي گرفتاري لاءِ ڳوٺ سيهڙ وليج تي چڙهائي ڪئي. پوليس چڙهائي دوران عورتن جي پوليس سان مزاحمت ۽ ڇڪرين سبب گهربل منشيات فروش فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پوليس طرفان منشيات فروشن جي ماڻهن ۽ مزاحمت ڪندڙن تي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي. هوڏانهن سيهڙ پوليس جوابدار جي گرفتاري دوران پوليس سان ڊيوٽي اٽڪاءِ ۽ پوليس مٿان عورتن ۽ مردن جي حملي ڪرڻ تي سرڪاري فرياد تي 31 ڄڻن خلاف ڊيوٽي اٽڪاءِ پوليس حملي ۽ منشيات وڪرو ڪرڻ جا ٿلهر هيٺ 9 سڃاتل ۽ 22 اڻ سڃاتل عورتن سميت مردن تي ڪيس داخل ڪيو آهي.ان ڏس ۾ سيهڙ ٿاڻي جي پوليس جو چوڻ آهي ته ڳوٺ سيهڙ وليج ۾ منشيات فروشن جي گرفتاري لاءِ ويل پوليس پارٽي تي عورتن ۽ مردن حملو ڪري منشيات فروشن کي پڄائي غير قانوني ڪم ڪيو آهي سيهڙ پوليس موجب 31 ڄڻن تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري عدالت اڳيان پيش ڪيو ويندو.

سيهڙ اسٽيشن منشيات فروشن جي گرفتاري لاءِ پوليس موبائل بيٺل آهي

مسوبڀرڳڙي کي حيدرآباد سان ملائيندڙ مرڪزي روڊ ڪيترن ئي سالن کان بدترين خسته حاليءَ جو شڪار نظر اچي رهيو آهي

مسوبڀرڳڙي کي حيدرآباد سان ملائيندڙ مرڪزي روڊ خسته حاليءَ جو شڪار

روڊ جي سطح تي هر ڪجهه ميٽرن تي گوڏي جيڏا کڏا پيل آهن: رهواسي

رهواسين جو هاءِ وي ڪاٽي سنڌ ۽ تڪ جي چونڊيل نمائندن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

مسوبڀرڳڙي (ن ع) مسوبڀرڳڙي کي حيدرآباد سان ملائيندڙ مرڪزي روڊ ڪيترن ئي سالن کان بدترين خسته حاليءَ جو شڪار. هي رستو جيڪو علائقي جي هزارين ماڻهن جي آمدورفت، تعليم، واپار ۽ روزمره جي ضرورتن لاءِ حياتيءَ جي حيثيت رکي ٿو اڄ بي حسي، غفلت ۽ انتظامي نااهليءَ جو جيئرو مثال بڻجي چڪو آهي روڊ جي سطح تي هر ڪجهه ميٽرن تي گوڏي جيڏا کڏا پيل آهن. نه ڪٿي مرمتي ڪم جو نشان نه ئي .هي روڊ پنهنجي تباهيءَ جي حالت ۾ خاموش احتجاج ڪري رهيو آهي انهيءَ خاموشي ۾ هڪ پوري نظام جي ناڪاميءَ جي صدائون به بڌڻ ۾ اچن ٿيون جنهن تي نه ترقي اچي رهي آهي، نه ئي انصاف. رهواسي پاران هاءِ وي ڪاٽي سنڌ ۽ تڪ جي چونڊيل نمائندن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي

مٽياري ۾ سيپا جو ورلڊ ارٿ ڊي جي حوالي سان آگاهي واڪ

ڌرتيءَ جي صحت سڌي طرح سڀني جاندارن جي بهبود سان ڳنڍيل آهي: اڳواڻ

موسمياتي تبديلي، وڻن جي ڪٽائي، آلودگي جهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل ڪوشش جي ضرورت آهي

مٽياري (ڊ ر) سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي جي آفيسرن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ورلڊ ارٿ ڊي اسان لاءِ هڪ اهم ڏينهن آهي. ڌرتيءَ جي صحت سڌي طرح سڀني جاندارن جي بهبود سان ڳنڍيل آهي. تهنڪري هر فرد، اداري ۽ ڪميونٽي تي ... ماحوليات، ڪلائيميٽ چينج اينڊ ڪوسٽل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ زبير چنا ۽ ڊائريڪٽر جنرل سيپا وقار احمد ڦليوٽو جي هدايتن تحت منعقد ٿي جڏهن ته ضلعي انچارج مٽياري قطب الدين درس واڪ جي اڳواڻي ڪئي، جيڪا پريس ڪلب مٽياري کان ...

مٽياري ورلڊ ارٿ ڊي جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڊيلو ويجهو پرٽيل ناري ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

26 ورهين جي سلمه راهمون گهر جي ڇونڊي ۾ رسو ٻڌي زندگي جو انت آندو

وارثن موجب اولاد نه ٿيڻ سبب پريشاني هئي، پوليس لاش پوسٽ مارٽم بعد حوالي ڪيو

ٽنڊو محمد خان گرلس ڊگري ڪاليج جي شاگرديائي جو ليڊي ٽيچر تي بدسلوڪي جو الزام

امتحاني پرچي دوران ڪلاس جي ٽيچر تمام گهڻي بدسلوڪي ۽ هراسمينٽ جي ڪوشش ڪئي: نهل هاليپوٽو

3 دفعا ٽڪڙ هڻڻ جي ڪوشش سبب مون امتحاني پرچي دوران روئي ڏنو پر مون تي ڪو به رحم نه ڪيو ويو

منهنجي پرچي ۾ سوالن جا جواب رهجي ويا آهن، ذهني طور پريشانين ۾ آهيان، اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جي گهرجي

ٽنڊو محمد خان انٽر جي شاگرديائي نهل سليم هاليپوٽو ليڪچرار پاران هراسمنٽ ڪرڻ خلاف ميڊيا سان ڳالهائيندي

ٽڙي محبت لڳ موٽرسائيڪل ۽ چنگچي رڪشا ۾ ٽڪر، هڪ فوت، ٻيو زخمي

ٽاڻي جي حد مانڪائي لنڪ روڊ تي موٽر سائيڪل ۽ چنگچي رڪشا ۾ ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار جنيد سومرو فوت، چنگچي ڊرائيور زخمي ٿيو

لاش ۽ زخمي اسپتال منتقل، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن جي حوالي، گهر ۾ ڪهرام

مسوبڀرڳڙي گرلس پرائمري اسڪول جي ماسترياڻي جي جبري بدلي، شاگرديائين جي تعليم متاثر، احتجاج

اسڪول ۾ 150 شاگرديائيون تعليم حاصل ڪن ٿيون، جيڪي ماسترياڻي نه هئڻ سبب تعليم متاثر پئي ٿي: مظاهرين

ماسترياڻي جي بدلي بنا ڪنهن مناسب متبادل جي ڪئي وئي، جنهن ڪري تعليمي سرگرميون تقريباً بند ٿي ويون آهن

ماسترياڻي کي فوراً واپس مقرر ڪيو وڃي ته جيئن شاگرديائين جي تعليم جو سلسلو ٻيهر بحال ٿي سگهي

مسوبڀرڳڙي (ن ع) مٽياري لڳ يونين ڪائونسل 1 جيئنڊل ڪوٽ جي ڳوٺ غلام حيدر جويو ۾ واقع گرلس پرائمري اسڪول جي ماسترياڻي کي مبينا طور تي جبري بدلي ڪرڻ سبب اسڪول ۾ تعليم جو عمل سخت متاثر ٿي ريو آهي مقامي ذريعن موجب، اسڪول ۾ لڳ ڀڳ 150 شاگرديائيون تعليم حاصل ڪري رهيون هيون جيڪي هاڻي ماسترياڻي نه هئڻ سبب سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيون آهن والدين ۽ ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته ماسترياڻي جي بدلي بنا ڪنهن مناسب متبادل جي ڪئي وئي، جنهن ڪري تعليمي سرگرميون تقريباً بند ٿي ويون آهن ڳوٺاڻن پاران احتجاج ڪندي اختيارين کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته ماسترياڻي کي فوراً واپس مقرر ڪيو وڃي ته جيئن شاگرديائين جي تعليم جو سلسلو ٻيهر بحال ٿي سگهي انهن خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن سندن مطالبو پورو نه ڪيو ويو ته هو وڏيڪ سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا. ڳوٺاڻن جو اهو به چوڻ آهي ته ڇوڪرين جي تعليم اڳ ئي ڪيترين ئي رڪاوٽن جو شڪار آهي ۽ اهڙيون بدليون انهن جي مستقبل کي وڌيڪ خطري ۾ وجهي رهيون آهن متعلقه تعليم کاتي جي عملدارن کان پڻ اپيل ڪئي وئي آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي فوري قدم کنيا وڃن جيئن معصوم شاگرديائين جي تعليم متاثر ٿيڻ کان بچائي سگهجي

مسوبڀرڳڙي گرلس پرائمري اسڪول جي ماسترياڻي جي جبري بدلي خلاف ٻارڙا احتجاج ڪندي

حيدرآباد ڄامشورو سول اسپتال جي حصن ۾ رهائش واري منصوبي کي رد ڪيون ٿا ڊاڪٽرز

سول اسپتال حيدرآباد ۽ ڄامشورو ۾ انڊور مريضن کي صحت جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن: هادي بخش جتوئي

حيدرآباد ۾ نئين جي رهواسي جو پوليس ۽ بااثر جي ڌاڌائين خلاف احتجاجي مظاهرو

مٽياري مخدوم فخر الزمان پاران برف جي ڪارخاني جو افتتاح

مٽياري ايم پي اي مخدوم فخر الزمان سيٺ پرير چند کتواڻي جي برف جي ڪارخاني جو افتتاح ڪندي

ڏڪڻ ۽ موجود ڪينٽرن ٽي تاريخي ۽ پراڻين عمارتن خستا حالي جو شڪار

ٽنڊوڄام ايوان ڪلينڪ ۾ پولٽري ويڪسينيشن ڪئمپ منعقد

ٽلهار ۾ منشيات خلاف پوليس ڪاروائين تي سوال، شهرين جا سخت خدشا

مٽي: ڪرسٽو يوسي سيڪريٽري عوام لاءِ سخت پريشاني جو ڪارڻ، احتجاج

ٽنڊو محمد خان ۾ پ پ جي نئين سر تنظيم سازي، نوان عهديدار منتخب

ٽنڊواڳو لڳ روياني ڳوٺ ۾ روشن خواب ويلفيئر پاران مفت ميڊيڪل ڪئمپ قائم

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV)
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن گهوٽڪي ايٽ ميرپور ماٿيلو
اي ميل ايڊريس: xenphedmirpurmathelo@yahoo.com
No. TC/G-148/676 of 2026 — "اسان جو عزم، ڪرپشن ڪان پاڪ پاڪستان" — Mirpur Mathelo, Dated: 20/04/2026

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

هي آفيس SPPRA سنڌ جي ويب سائيٽ تي موجود نئين طريقي اِي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ذريعي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (تازي ترميم ٿيل) جي مطابق، دلچسپي رکندڙ اهل ڪانٽريڪٽرن/فرمن کان هيٺين ڪمن لاءِ هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار تحت "اي-آچ" گهرائي ٿي. ڪانٽريڪٽرن/فرمن جو پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان سال 2025-26 لاءِ لاڳاپيل فيلڊ ۽ ڪيٽيگري ۾ رجسٽرڊ هجڻ لازمي آهي.

شمار نمبر	ريفرنس نمبر	تفصيل	ڪٽيل رقم	بڊ سيڪيورٽي (5%)	ٽينڊر في	مڪمل ڪرڻ جو مدو
A		سسٽينبل ڊيولپمينٽ گولز (SDGs) اسڪيمون 2025-26				
1	283	پرچونڊي شريف، تعلقو ڏهرڪي، ضلعو گهوٽڪي جي مختلف محلن ۾ ڊرينيج اسڪيم جي اڏاوت ۽ ٽف ٽائلس لڳائڻ	100.000	5.000	5000	24 مهينا
2	284	ڳوٺ نئون ڪوٽ، تعلقو ڏهرڪي، ضلعو گهوٽڪي جي مختلف محلن ۾ ڊرينيج اسڪيم جي بحالي ۽ ٽف ٽائلس لڳائڻ	100.000	5.000	5000	24 مهينا
3	285	ڳوٺ ڪوڙو سميجو، تعلقو ڏهرڪي، ضلعو گهوٽڪي ۾ ڊرينيج اسڪيم جي اڏاوت ۽ ٽف ٽائلس لڳائڻ	50.000	2.500	5000	24 مهينا

1. اهليت:
i. سنڌ روينيو بورڊ (SRB) ۽ فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR) سان رجسٽريشن، ايڪٽو ٽيڪسپيئر لسٽ (ATL) ۾ نالو، GST سرٽيفڪيٽ (جتي گهربل هجي) ۽ مالڪن/پروپرائيٽرز جي CNIC جي ڪاپي.
ii. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان سال 2025-26 لاءِ لاڳاپيل فيلڊ (CE-10) ۾ رجسٽريشن. انهن ڪمن لاءِ جن جي اندازي مطابق قيمت 4.000 ملين کان وڌيڪ آهي.
2. قابليت:
i. گذريل ٽن سالن دوران مڪمل ڪيل ساڳئي نوعيت جي (03 عدد) ڪمن جي لسٽ، مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽن يا ورڪ آرڊرن جي ڪاپين سان گڏ.
ii. هلي رهيل (03 عدد) ڪمن جي لسٽ ۽ ورڪ آرڊرن جون ڪاپيون.
iii. ڪم جي جڳهه تي موجود يا مسواڙ تي ورتل مشينري ۽ اوزارن جو تفصيل دستاويزي ثبوتن سان گڏ.
iv. ٽيڪنيڪل عملي جي قابليت ۽ تجربي جا سرٽيفڪيٽ.
v. گذريل 03 سالن جي بئنڪ اسٽيٽمينٽ، جيڪا ڪم لاءِ موجود روڪ رقم جي تصديق ڪري، ۽ مالي صلاحيت (ٽرن اوور) ڪم جي ڪل قيمت جو گهٽ ۾ گهٽ 80% هجي.
vi. واڪ جمع ڪرائڻ يا کلڻ واري ڏينهن تي ڪنهن اڻ ٽر صورتحال يا حڪومت طرفان موڪل جي صورت ۾، ٽينڊر ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي جمع/کليا ويندا.
vii. پروڪيورمينٽ ايجنسي کي اختيار آهي ته هو SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل) جي تحت ڪنهن به يا سڀني ٽينڊرن کي رد ڪري سگهي ٿي.
viii. شرطيه ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
ix. آچ جي عمل ۾ ڪنهن به "جوائنٽ وينچر" (گڏيل شراڪتداري) فرم کي حصو وٺڻ جي اجازت نه هوندي.
3. لازمي گهرجون:
i. موجوده تاريخ جو حلف نامو ته فرم ڪنهن به قانوني تڪرار ۾ ملوث ناهي ۽ نه ئي ڪو ڪم اڌ ۾ ڇڏيو اٿس.
ii. حلف نامو ته فرم ڪنهن به پروڪيورمينٽ ايجنسي پاران بليڪ لسٽ ٿيل ناهي.
iii. حلف نامو ته ڏنل ڄاڻ، دستاويز ۽ انگ اکر مڪمل طور تي درست ۽ سچا آهن.
iv. بڊ سيڪيورٽي/بيانٽي جي رقم لاڳاپيل فرم يا ڪمپني جي پنهنجي بئنڪ اڪائونٽ مان هجڻ گهرجي.
v. شرطيه، ٽيليفونڪ آڇون يا بڊ سيڪيورٽي کان سواءِ آڇون قبول نه ڪيون وينديون.
vi. ٽينڊر فارم احتياط سان، صاف سٿري نموني پريل ۽ آچ ڏيندڙن جا صحيح ٿيل هجن. هر آچ سان گڏ مٿي ڄاڻايل 5% ڪال ڊپازٽ (بڊ سيڪيورٽي) هجڻ لازمي آهي. جيڪا پاڪستان جي ڪنهن به شيڊولڊ بئنڪ مان "ايگزيڪيوٽو انجنيئر (Dev)، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن گهوٽڪي ايٽ ميرپور ماٿيلو" جي نالي جاري ٿيل هجي. بڊ سيڪيورٽي جي اصل هارڊ ڪاپي هڪ مهر لڳل لفافي ۾، جنهن تي فرم جو نالو ۽ ڪم جو نالو لکيل هجي، واڪ کلڻ کان اڳ چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي/ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي آفيس ۾ جمع ڪرائڻي پوندي. اڻپورا ٽينڊر، مٿان لکائي يا شرطيه ٽينڊر کي قبول نه ڪيا ويندا.
vii. وٽ هولڊنگ ايجنٽ، جيڪو ٽيڪس لاڳو خدمتون حاصل ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو، اهو فارم SSTW-05 ۾ جاري ڪيل نوٽيس ذريعي اهو ظاهر ڪندو ته انهن قاعدن موجب مقرر ڪيل حد تائين سيلز ٽيڪس، سروس فراهم ڪندڙ کي ڪيل يا ٿيڻ واري ادائيگي مان ڪٽيو ۽ روڪيو ويندو، ۽ اهو مقرر طريقيڪار مطابق سنڌ حڪومت جي هيڊ آف اڪائونٽ ۾ جمع ڪرايو ويندو.
viii. قاعدي 21 ۽ (d')(i) SPPRA رولز 2010 جي قاعدي 39 تحت، ڪيل ڪم جي رننگ بلن مان 5% پرفارمنس سيڪيورٽي ڪٽي ويندي.
ix. شرطيه ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
x. آچ جي عمل ۾ ڪنهن به جوائنٽ وينچر فرم کي اجازت نه هوندي.
xi. خريداري جو طريقو: هڪ مرحلي تي ٻه لفافي.
4. بڊنگ/ٽينڊر دستاويز:- بڊنگ دستاويز SPPRA سنڌ اِي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) جي ويب سائيٽ (https://portalsindh.eprocure.gov.pk) تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
5. جمع ڪرائڻ جي تاريخ: ويب سائيٽ تي رکڻ جي تاريخ کان وٺي 05-05-2026 صبح 10:00 وڳي تائين.
6. واڪ جو اعلان ۽ هنڌ: سڀئي ڊائون لوڊ ڪيل آڇون 06-05-2026 تي صبح 11:00 وڳي، ايگزيڪيوٽو انجنيئر (Dev) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن گهوٽڪي (پراڻي تعلقا اسپتال ميرپور ماٿيلو) جي آفيس ۾ پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران، حاضر ڪانٽريڪٽرن يا انهن جي نمائندن جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون. جيڪڏهن آفيس هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هوندو ته آچون ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊول موجب کوليون وينديون.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV)

پاڪستان، سفارتي ميدان جو شهسوار...!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

اڱاري جي رات دير سان جڏهن پاڪستان سميت عالمي برادري آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٻن هفتن تي ٻڌل سيز فائر جي مدت ختم ٿيڻ تي سخت ڳڻتيءَ ۾ مبتلا هئي، تڏهن آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان جنگبنديءَ جي مدي ۾ واڌ جو اعلان سامهون آيو. هڪ ڀيرو ٻيهر سڄي دنيا جي ميڊيا ۾ پاڪستان جو نالو روشن ٿيڻ لڳو. ٽرمپ موجب پاڪستان جي درخواست تي جنگبندي ان وقت تائين برقرار رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جيستائين ايران طرفان ڪا ٺوس تجويز پيش نه ڪئي وڃي ۽ ان تي ڳالهين ڪنهن نتيجي تي نه پهچن.

گذريل ڪجهه ڏينهن کان راولپنڊي ۽ اسلام آباد ۾ سخت سيڪيورٽي انتظامن هيٺ آمريڪي ۽ ايراني وفدن جي آمد جو انتظار ڪيو پيو وڃي. جيڪي اسلام آباد ڳالهين جي ٻئي مرحلي ۾ شرڪت ڪندا. هر ڏينهن جي پڄاڻيءَ سان اها اميد پيدا ٿي رهي آهي ته پاڪستان جي تاريخي ثالثيءَ سان جلد هڪ امن معاهدو طئي ٿي ويندو. جيڪو عالمي امن ۽ علائقائي استحڪام لاءِ اهم ثابت ٿيندو. آمريڪا ۽ ايران ٻنهي طرفان اهڙا اشارا ملي رهيا آهن ته ڳالهين جو ٻيو مرحلو جلد شروع ٿي سگهي ٿو. اهو به چيو پيو وڃي ته ٽرمپ پاڻ پنهنجي ايراني هم منصب سان معاهدي تي صحيح ڪرڻ لاءِ اسلام آباد اچي سگهي ٿو. جتي ٻين عالمي اڳواڻن کي پڻ دعوت ڏني ويندي.

مون جهڙن محب وطن پاڪستانين لاءِ اها فخر جي ڳالهه آهي ته عالمي مغربي ميڊيا، جيڪا ماضيءَ ۾ پاڪستان کي دهشتگردي، لا قانونيت ۽ ٻين منفي مسئلن سان ڳنڍيندي هئي، اڄ اها به وزيراعظم شهباز شريف، ڊپٽي وزيراعظم ۽ وزير خارجه اسحاق ڊار ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي امن لاءِ ڪوششن جو اعتراف ڪندي پاڪستان کي سفارتي ميدان جو شهسوار تسليم ڪري رهي آهي.

بيشڪ پاڪستان جي ثالثيءَ وارين ڪوششن کي عالمي سطح تي ساراهه ملي آهي. پر اسلام آباد ڳالهين جو بنا نتيجي ختم ٿيڻ ڪيترن ئي لاءِ مايوسيءَ جو سبب بڻيو. جيتوڻيڪ ٻئي مرحلي جي امڪاني شروعات سان پاڪستان هڪ ڀيرو ٻيهر امن جي اميدن جو مرڪز بڻيو آهي. پر ايران جي ڏانهن سبب آمريڪي وفد جو دورو في الحال ملتوي ٿي ويو آهي.

منهنجي خيال ۾ پاڪستان جي مخلصانه ڪوششن سبب آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ سڌين ڳالهين هڪ نئين باب جي شروعات آهن. جنهن جو ماضيءَ ۾ ڪو مثال ناهي. تقريبن چئن ڏهاڪن کان پوءِ ٻنهي ملڪن جو هڪ ميز تي ويهڻ پاڻ ۾ هڪ تاريخي پيش رفت آهي. اسلام آباد ۾ ويهه ڪلاڪن کان وڌيڪ هلندڙ ڳالهين مان ٻنهي ڌرين جي سنجيدگي صاف ظاهر ٿئي ٿي.

عالمي برادري اڳيان پاڪستان جو قائدانه ڪردار نمايان ٿي سامهون آيو آهي. پهرين مرحلي جي ناڪاميءَ باوجود پاڪستان جي سول ۽ فوجي قيادت سرگرم نظر آئي. هڪ پاسي وزيراعظم شهباز شريف انطاليه ڊپلوميسي فورم ذريعي عالمي برادريءَ کي پاڪستان سان گڏ ڪٺي هلڻ جي ڪوشش ڪئي ته ٻئي پاسي فيلڊ مارشل عاصم منير جو ايران جو بهادرانه دورو دنيا لاءِ حيران ڪندڙ خبر بڻيو. اهي قدم يقيناً تاريخ ۾ سونهري اکرن سان لکيا ويندا.

بهرحال اها به حقيقت آهي ته ايران جي جنگ آمريڪا ۽ اسرائيل جي اميدن کان گهڻي اڳتي وڌي چڪي آهي. آمريڪي عوام جي تاريخ آهي ته هو ڊگهي جنگ کان ٿڪجي پوندا آهن ۽ پنهنجي حڪمرانن تي دٻاءُ وڌائيندا آهن. ٽرمپ جو جنگبندي وڌائڻ وارو اعلان بظاهر ايران تي دٻاءُ وڌائڻ لاءِ آهي. پر حقيقت ۾ اهو پاڪستان جي سفارتي ڪاميابيءَ جو اعتراف آهي. جتي عالمي طاقتون هاڻي اسلام آباد کي امن جو مرڪز تسليم ڪري رهيون آهن ٻئي طرف ايران به پنهنجي قيادت جي نقصان ۽ عالمي پابندين جي دٻاءُ هيٺ آهي ۽ انهن پابندين جي خاتمي جو خواهشمند آهي. اهڙين حالتن ۾ ٻنهي ملڪن جا مفاد ڪجهه حد تائين هڪجهڙا ٿي ويا آهن. جنهن سبب پاڪستان انهن لاءِ اميدن جو مرڪز بڻجي ويو آهي. اسلام آباد ڳالهين جي اصل اهميت اها آهي ته پاڪستان ٻن مخالف ڌرين کي هڪ ميز تي آڻي ويهاريو. ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي جو موقف سڌي طرح ٻڌو ۽ سمجهيو. مون هميشه چيو آهي ته هر تڪرار جو حل ڳالهين ۾ آهي. پر ڏهاڪا پراڻا اختلاف هڪ ئي ويهڪ ۾ ختم نٿا ٿي سگهن. ايندڙ ڏينهن ۾ چائنا جو ڪردار پڻ اهم ٿي سگهي ٿو. جيڪو هرمز لنگهه جي بندش سبب گهڻو متاثر ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن چين پاڪستان سان گڏ ايندڙ مرحلي ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪري ٿو ته اسلام آباد ڳالهين کي وڌيڪ مضبوطي ملي سگهي ٿي.

ويدڪ علم نجوم موجب اپريل جي ڏهين تاريخ تائين امن معاهدي لاءِ وقت سازگار هو. پر ويهين اپريل کان پوءِ حالتون پيچيده ٿي وڃن آهن. نجومين موجب مريخ ۽ زحل جي وچ ۾ تڪرار سبب دٻاءُ، غلط فهميون ۽ ڇڪتاڻ وڌندي. جڏهن ته زحل صبر ۽ جنگبنديءَ جي علامت رهندو. انهن جو چوڻ آهي ته سيز فائر مڪمل امن نه پر هڪ وقفو هوندو. جنهن دوران دٻاءُ برقرار رهندو.

پاڪستان جي سهڪار سان پس پرده ڳالهيون جاري رهنديون. جڏهن ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ بيان بازي ۽ ڇڪتاڻ به جاري رهندي. نجومين ايران کي 25 اپريل تي خاص احتياط ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي. جڏهن ته پاڪستان لاءِ عطارد ۽ مشتري جا اثر مضبوط آهن. جنهن سبب پاڪستان وڌيڪ سفارتي ڪاميابيون حاصل ڪندو ۽ ٻنهي ملڪن کي اهو باور ڪرائيندو رهندو ته جنگ ڪنهن به مسئلي جو حل ناهي. اپريل جي آخر تائين جنگبندي برقرار رهندي، پر حالتون نازڪ رهنديون.

ايران-آمريڪا ڳالهين ۾ رولڙو، ڇيهه آخر ڪٿي ٿيندو؟

تل واري علائقي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ عالمي سامونڊي سلامتيءَ لاءِ هڪ نئين ۽ خطرناڪ مرحلي ۾ داخل ٿيندي نظر اچي ٿي. هرمزلنگهه جي ويجهو ٻن الڳ الڳ جهازن تي فائرنگ جا واقعا صرف معمولي سيڪيورٽي خدشا ناهن. پر اهي هڪ وڏي جيو سياسي ڇڪتاڻ جي علامت آهن. جنهن جا اثر عالمي واپار ۽ معيشت تي پئجي سگهن ٿا. سامونڊي ذريعن موجب هڪ جهاز تي ايران جي ساحل کان لڳ ڀڳ اٺ ناٽيڪل ميل پري فائرنگ ڪئي وئي، جڏهن ته ڪجهه ڪلاڪ اڳ عمان جي ويجهو هڪ ٻئي ڪارگو جهاز کي نشانو بڻايو ويو. جنهن کي نقصان به پهتو. ايران طرفان انهن ڪارروائين کي "سامونڊي قانونن جي ڀڃڪڙي" سان جوڙڻ، صورتحال کي وڌيڪ پيچيده بڻائي ٿو. اهو موقف ظاهر ڪري ٿو ته ايران پنهنجي سامونڊي حدن ۽ مفادن جي تحفظ لاءِ سخت قدم کڻڻ لاءِ تيار آهي. پلي ان جا عالمي اثرچو نه ٿين. هرمز دنيا جي سڀ کان اهم واپاري لنگهن مان هڪ آهي. جتان عالمي تيل جو وڏو حصو گذري ٿو. هتي ڪنهن به قسم جي ڇڪتاڻ سڌو سنئون عالمي تيل مارڪيٽ، جهازراني ۽ واپاري سرگرمين کي متاثر ڪري ٿي. اهڙي صورتحال ۾ فائرنگ جا واقعا صرف حفاظتي مسئلو نه پر عالمي معيشت لاءِ خطري جي گهنٽي آهن. ٻئي پاسي وچ اوڀر جي ملڪن جو رد عمل به اهميت رکي ٿو. انهن طرفان ڇڪتاڻ گهٽائڻ، جنگبندي برقرار رکڻ ۽ سامونڊي رستن کي کليل رکڻ جو مطالبو اصل ۾ علائقي جي معاشي انحصار کي ظاهر ڪري ٿو. خليجي معيشت گهڻي ڀاڱي توانائيءَ جي واپار سان جڙيل آهي ۽ جيڪڏهن آبناءِ هرمز بند يا غير محفوظ ٿئي ٿي ته ان جا اثر صرف علائقي تائين محدود نه رهندا، پر عالمي سطح تي به محسوس ڪيا ويندا. ان سموري پس منظر ۾ پاڪستان جو ڪردار اهم رهيو آهي. پاڪستان پاران آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ثالثيءَ جون ڪوششون رڳو سفارتي سرگرميون ناهن. پر هڪ اهڙي ڪوشش آهن. جنهن سان خطي کي وڏي تڪرار کان بچائي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ اسلام آباد ۾ ٻي ويهڪ لاءِ به پوريون تياريون ڪيون ويون هيون. پر ايران پاران حاضري نه پڻ سبب في الحال ملتوي ٿيڻ ڏکجي ويل ڏسجي ٿو. مٿان وري هرمز لنگهه تي هي تازا واقعا صورتحال کي وڌيڪ سنگين بڻائي سگهن ٿا. جيڪڏهن وقت سر سفارتي قدم نه کنيا ويا ته تنڌڙا واقعا وڏي تڪرار ۾ تبديل ٿي سگهن ٿا. (عبرت ڊيسڪ)

لطيفي لاٽ ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سَنڌُو ڏَمَ ڏَهڪارَ، هَڏهين ڪَونهِي هِنَ ڪِي،
پُسَائِي نَہ پاڻهِنجو، سُوهَٽِي سِينگارَ،
ڪارَڻِ مَنڌَ مِيهارَ، ڪارِيءَ راتِ ڪُنَ تَرِي

ڏهڪار= ڊپ، پڻ خوف / هڏهين= ٻنهي، اصل، ماڳهين / هن= يعني سهڻي / پُسائي= ڀوڙي خراب ڪري. / سينگار= آرائش،زيب، زينت، ڏيڪ ويڪ، (سهڻيءَ جو ڏم ڪان پري رهڻ) / ڪارڻ= واسطي، لاءِ (سر- سهڻي، مرتب ڀانهون خان شيخ)

پيار، چاهت، تينهن انساني ڪيفيتن مان هڪ الڳ ۽ نرالي ڪيفيت آهي جنهن کي سواءِ پنهنجي محبوب جي ٻئي ڪنهن جي پرواهه ناهي هوندي، لطيف سائين سهڻيءَ جي اها ڪيفيت بيان ڪري ٿو ته "ڪيس (سهڻي کي) ڏم جو ڪو پڻ يا ڊپ اصل به ناهي ۽ هوءَ ڏم کي ويجهو به ڪونه ٿي اچڻ ڏئي) چوته هن پنهنجو پاڻ صرف ميهار کي ئي ارپڻ ڪيو آهي. تنهن ڪري هن کي ڪنهن جي ڪا پرواهه ئي ناهي هوءَ پنهنجو پيار ماڻڻ لاءِ پنهنجي محبوب جي وصل خاطر اونداهي راتين ۾ به خطرا ڪٽي درياهه جا ڪن پار ڪري، ميهار وٽ پهچي ٿي اها سهڻي جي عشق، ان جي پيار ۽ وفا جي حد آهي جنهن کي ٻيو ڪوبه رسي نٿو سگهي"

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

سکر ۾ پنڪ اسڪوٽيز ورهائڻ واري تقريب جو اکين ڏٺو احوال!

سيد ساجد حسين شاهه

پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي باني قائدِ عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سڄي دنيا ۾ پاڪستان جي سڃاڻپ ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هن عوام سان محبت، عوامي خدمت، عوامي جذبن جي ترجماني ڪئي ملڪ کي آئين ڏيڻ ۽ ايٽمي قوت بڻائڻ سان گڏ پاڪستان کي مضبوط ڪيو. پاڪستان جي حيثيت مڃرائڻ ۾ اصولي ۽ قانوني ۽ ذهانت طور شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اهو سڀ ڪجهه ڪري ڏيکاريو انهيءَ ريت شهيد محترمه بينظير ڀٽو سختين، مشڪلاتن، تمڪين ۽ ٻين طريقن سان عوام کان پري رکڻ وارن سان مهلاڪو اتڪاٽي پنهنجي وطن ۾ پنهنجي قوم ۽ محبت ڪندڙ عوام ۾ آئي ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ڪوڙ سارا پروگرام شروع ڪيائين عورتن کي بااختيار بڻائڻ حوالي سان سنڌ حڪومت صوبي جي عوام جي ڀلائي سفري سهولتن کي وڌيڪ بهتر ۽ عوام دوست بڻائڻ لاءِ مختلف ميگا پروجيڪٽس شروع ڪيا ۽ عملي طور ان تي ڪم ڪري ڏيکاريو، جيڪو خدمت جو واضح ثبوت آهي جنهن تحت عوام ڀرپور موٽ ڏيندي آهي گذريل ڏينهن سنڌ جي وڏي شهر سکر ۾ سنڌ حڪومت جي ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي طرفان عورتن ۾ مفت اسڪوٽيز ورهائڻ جي تقريب هڪ مقامي هال ۾ منعقد ڪئي وئي هن پروگرام جو مقصد عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ انهن جي سفري سهولتن کي بهتر ڪرڻ هو. تقريب ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر سيد خورشيد احمد شاهه، سينيئر صوبائي وزير ٽرانسپورٽ ماس ٽرانزٽ ۽ اطلاعات سنڌ شرجيل انعام ميمڻ صوبائي وزير لوڪل گورنمينٽ سيد ناصر حسين شاهه، اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه، صوبائي وزير ايڪسائيز مڪيش ڪمار چاولا، اڳوڻي صوبائي وزير امداد پتافي ايم اين اي نعمان اسلام شيخ، ايم اين اي ڊاڪٽر شازيه سومرو، وڏي وزير جي ترجمان ۽ ميئر سکر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سيد ڪميل حيدر شاهه ضلعي صدر اڳوڻي ايم پي اي سيد جاويد علي شاهه، ڊپٽي ميئر سکر ۽ پ پ سٽي صدر ڊاڪٽر ارشد مغل سردار تقي خان ڏاريجو ايم ڊي ماس ٽرانزٽ ڪنول نظام ڀٽو اروڙ يونيورسٽي بيگم نصرت ڀٽو وومين يونيورسٽي سکر آءِ بي اي يونيورسٽيز جي وائس چانسلرز، ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي ڊپٽي ڪمشنر نادر شهزاد خان، ڊائريڪٽر انفارميشن سکر غلام عباس گوراهو شامل هئا. تقريب ۾ وڏي انگ ۾ عورتون، انهن جا والدين ۽ معزز شهري پڻ شريڪ ٿيا حڪومت هن قدم کي عورتن جي خودمختياري ۽ اڄ وچ جي سهولت لاءِ اهم قرار ڏنو آهي صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ مفت اسڪوٽيز ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته اڄ هڪ اهم ڏينهن آهي جتي پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ سنڌ حڪومت شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد بينظير ڀٽو جي ويزن تحت آصف علي زرداري، بلاول ڀٽو زرداري ۽ فريال ٽالپر وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي قيادت ۾ سنڌ حڪومت سٺا ۽ تاريخي ڪم ڪيا آهن. عوام جي خدمت ڪري رهي آهي هن چيو ته پاڪستان جي تاريخ ۾ جيڪڏهن عورتن لاءِ ڪنهن سياسي پارٽي اهم ڪم ڪيا آهن ته اها پ پ آهي ذوالفقار علي ڀٽو عورتن کي بااختيار ڪرڻ لاءِ بنيادي قدم کنيا، جڏهن ته مسلم ملڪن ۽ پاڪستان جي پهرين عورت وزيراعظم شهيد بينظير ڀٽو، جنهن پنهنجي محنت ۽ ڪوشش سان پاڪستان جو نالو روشن ڪيو. شهيد محترمه بينظير ڀٽو عورتن لاءِ ويمن پوليس اسٽيشنون قائم ڪيون، فرسٽ ويمن بئنڪ شروع ڪيو ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام جو آغاز ڪيو شرجيل ميمڻ وڌيڪ چيو ته جڏهن صدر آصف علي زرداري کي حڪومت ملي ته هن پنهنجي ذهانت ۽ سوچ تحت بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جهڙو عالمي سطح تي ساراهيل پروگرام شروع ڪيو جنهن جي آءِ ايم ايف (International Monetary Fund) ۽ عالمي بئنڪ (World Bank) به تعريف ڪري رهيا آهن هن چيو ته اڳ پٺتي پيل سماج ۾ عورتن جا شناختي ڪارڊ به نه ٺاهيا ويندا هئا پر هن پروگرام ڪانپوءِ ماڻهن پنهنجي ڌيئرن، ڀينرن ۽ مائرن جا شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ شروع ڪيا آهن چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداريءَ جي هدايت تحت سنڌ حڪومت هائوسنگ منصوبي تحت 21 لک خاندانن کي مفت گهر ڏئي رهي آهي ۽ انهن گهرن جي ملڪيت به عورتن جي نالي ڪئي پئي وڃي جيڪو عورتن کي بااختيار ڪرڻ لاءِ وڏو قدم آهي عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ محترمه بينظير ڀٽو جي ويزن تي عمل ٿي رهيو آهي صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته فيصلو هميشه عوام کي ڪرڻو آهي ۽ جڏهن به چونڊون ٿيون آهن ته سنڌ جي عوام پاڪستان پيپلزپارٽيءَ کي اڳ کان وڌيڪ مينڊيٽ ڏنو آهي هن وڌيڪ چيو ته پنڪ اسڪوٽيز جي رجسٽريشن به هاڻي مفت ڪئي وئي آهي ۽ عورتن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اسڪوٽيز کي گهرن ۾ رکڻ بدران محفوظ طريقي سان استعمال ڪن هن اهو پڻ چيو ته آصف علي زرداريءَ جي ويزن تحت بينظير انڪم سپورٽ پروگرام شروع ڪيو ويو، جيڪو دنيا جو سڀ کان وڏو غريب عورتن لاءِ امدادي پروگرام بڻجي چڪو آهي بلاول ڀٽو زرداريءَ بابت هن چيو ته هُن جو ويزن دنيا جي سڀ کان وڏي هائوسنگ منصوبي تي ڪم ڪرڻ آهي جنهن سان 21 لک متاثر ماڻهن لاءِ گهر تعمير ڪيا وڃن ٿا، جنهن ۾ پاڻي، سولر ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن تقريب کي خطاب ڪندي سيد خورشيد احمد شاهه چيو ته اسان چاهيون ٿا ته پاڪستان ترقي ڪري ۽ اها ترقي تڏهن ممڪن آهي جڏهن ملڪ جي وڏي آبادي ان ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري، هن عورتن کي صلاح ڏني ته اهي اسڪوٽيز پنهنجن پٽڙن يا پٽن کي نه ڏين چو ته اهي انهن جي پنهنجي سهولت لاءِ آهن هن شرجيل انعام ميمڻ جا ٿورا مڃيا ته سکر جي عورتن لاءِ اها سهولت فراهم ڪئي وئي آهي ۽ چيو ته سيٺي ڇوڪريون اسان جون ڌيئرون آهن ۽ انهن جو تحفظ اسان جو فرض آهي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اڄ جو ڏينهن بلاول ڀٽو زرداريءَ جي ويزن، مراد علي شاهه جي قيادت ۽ شرجيل انعام ميمڻ سميت ٻين اڳواڻن جي محنت سان ممڪن ٿيو آهي هن وڌيڪ چيو ته سيد اويس قادر شاهه جڏهن ٽرانسپورٽ کاتي جو صوبائي وزير هيو ته هن پيپلز بس سروس شروع ڪرائي هئي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ويزن ڀلائي بهتري ۽ وومين ايمپاور منٽ جو پروگرام آهي ان پنڪ اسڪوٽيز ورهائڻ ۾ ڪابه سفارش ڪونهي سڀ ڪم ميرٽ ۽ جيڪا اسڪوٽي وٺڻ چاهين ٿيون، اهي گهربل ڊاڪوميينٽس پورا ڪن ۽ اسڪوٽي حاصل ڪري سگهن ٿيون تقريب کي ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اسڪوٽي ورهائڻ وارو منصوبو علائقي جي عورتن جي ترقيءَ لاءِ هڪ اهم اڳڀرائي ثابت ٿيندو. مقررن وڌيڪ چيو ته مهانگائيءَ جي هن دور ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي قيادت جي ويزن تحت سنڌ حڪومت عوام کي سستي سفري سهولتون فراهم ڪري رهي آهي ۽ مفت اسڪوٽي اسڪيم مان خاص طور تي عورتون ۽ شاگرديائيون گهڻو فائدو وٺنديون هئن جو وڌيڪ چوڻ هو ته بلاول ڀٽو جي ويزن تحت عورتن جي ترقي لاءِ عملي قدم کنيا پيا وڃن ۽ جن به عورتن اسڪوٽيءَ لاءِ درخواست ڏني آهي انهن کي ميرٽ تي سموري ڪارروائي مڪمل ٿيڻ کانپوءِ مفت اسڪوٽي ڏني ويندي اڳواڻن وڏي وزير ۽ سنڌس ٽيم کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته هو پارٽي قيادت جي ويزن تي عمل ڪندي عورتن کي بااختيار بڻائي رهيو آهي 'اسان جو مقصد صرف موقعا ڏيڻ نه پر اهڙا وسيلا مهيا ڪرڻ آهي جن سان عورتون خودمختيار ۽ باوقار زندگي گذاري سگهن' هن ويزن کي بينظير ڀٽو جي جدوجهد جو تسلسل قرار ڏيندي چيو ويو ته هن هميشه عورتن جي حقن، تعليم ۽ خودمختياري لاءِ آواز اٿاريو ۽ اڄ جا اهي قدم ان ئي مشن جي عملي تعبير آهن اڳواڻن چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت کي ساراهيندي چيو ته هو پنهنجي والده بينظير ڀٽو جي ويزن کي اڳتي وڌائيندي عورتن جي ترقي، تعليم ۽ بااختياري لاءِ مضبوط قدم کڻي رهيا آهن هنن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي نه صرف جمهوريت پر سماجي انصاف ۽ عورتن جي ترقي واري ايجنڊا کي به ڀرپور نموني اڳتي وڌائي رهي آهي. اڳواڻن سيد خورشيد احمد شاهه جي خدمتن کي به خراج تحسين پيش ڪيو ۽ چيو ته سکر ۾ عورتن جي تعليم جي واڌاري لاءِ سندس ڪوششون قابل تعريف آهن. هنن چيو ته ويمن يونيورسٽيءَ جو قيام ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پارٽي قيادت عورتن جي تعليم ۽ خودمختياري لاءِ عملي ڪم ڪري رهي آهي ۽ هيءَ ادارو ايندڙ نسلن جي عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. اڳواڻن شرجيل انعام ميمڻ جو خاص شڪريو ادا ڪندي چيو ته سنڌ ۾ ماس ٽرانزٽ نظام جي بهتري ۽ جديد ٽرانسپورٽ منصوبن جي واڌاري ۾ سندس ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن. تقريب جي پڄاڻيءَ تي سيٺي ادارن ۽ آفيسرن جي ڳڏيل ڪوششن کي ساراهيو ويو، جن هن منصوبي کي ڪامياب بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان موقعي تي مهمانن، شاگرديائين، نوڪري ڪندڙ ۽ ڪاروبار ڪندڙ عورتن ۾ پنڪ اسڪوٽيون ورهائي ڪيئن اسڪوٽيون جون چابيون حوالي ڪيون ويون.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀلوڙ پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 23 اپريل 2026ع

آهي ڪو سنڌ جو والي وارث؟

سنڌ جي ڌرتي، جيڪا محبت، امن ۽ انساني قدرن جي سڃاڻپ رهي آهي، اڄ رت ۾ وهنجي رهي آهي، هر نئين صبح سان ڪو نه ڪو اهڙو دردناڪ واقعو سامهون اچي ٿو جيڪو نه صرف دل کي ڏوڏي ڇڏي ٿو پر سماج جي گڏيل ضمير کي به زخمي ڪري ٿو. گذريل ٻن ڏينهن اندر پيش آيل چار الڳ الڳ واقعا اصل ۾ هڪ ئي حقيقت جو اظهار آهن ته اسان جو سماج اندروني طور تي ڀُرڻ لڳو آهي ۽ رياستي ڍانچو ماڻهن جي جان ۽ عزت جي تحفظ ۾ ناڪام نظر اچي رهيو آهي. حيدرآباد جي هالا ناڪا وٽ پيش آيل حادثو رڳو هڪ روڊ حادثو نه هو اهو انساني بيحسي ۽ انتظامي ناڪاميءَ جو ڪليل ثبوت هو. هڪ تيز رفتار ويگو گاڏي روڊ تي ويٺل معصوم ماڻهن کي چيڀاٽي ڇڏيو نوجوانن جون زندگيون پل ۾ ختم ٿي ويون. گهرن ۾ ماتم چانئجي ويو زخمين جا ساهه به موت ۽ زندگيءَ جي وچ ۾ لٽڪندا رهيا. سوال اهو آهي ته اسان جا روڊ آخر ڪنهن لاءِ آهن؟ ڇا هتي قانون صرف ڪمزور لاءِ آهي ۽ طاقتور جي گاڏيءَ کي هر حد ٽوڙڻ جي اجازت آهي؟ ان کان به وڌيڪ ڏکوئيندڙ اهو منظر هو جڏهن احتجاج ڪندڙ ماڻهن تي فائرنگ ڪئي وئي. ڇا عوام جو ڏک ٻڌڻ بدران انهن کي گولين سان جواب ڏيڻ انصاف آهي؟ هوڏانهن ميهڙ ۾ معصوم اجالا پروين سولنگيءَ جي گمشدگي هن سماج جي ٻي دردناڪ ڪهاڻي آهي. هڪ ننڍڙي ٻارڙي، جنهن جي کلڻ سان گهر روشن ٿيندو هو اڄ اڻڄاتل هنڌ تي آهي. اٺ ڏينهن گذري ويا، پر رياست وٽ ڪو جواب ناهي. سنڌس پيرسن ڏاڏو قرآن کڻي گهٽين ۾ فرياد ڪري رهيو آهي. اهو منظر ڪنهن به حساس دل کي ٽوڙي ڇڏڻ لاءِ ڪافي آهي. پر نه ڄاڻ اسان جي حڪمرانن کي اُن جو احساس ڇونه پيو ٿئي؟ ڇا اسان اهڙي سماج ۾ رهون ٿا، جتي هڪ ٻارڙيءَ جي حفاظت به ممڪن ناهي؟ پوليس جي بيحسي، جاچ ۾ سُستي ۽ انتظامي لاپرواهي هن ڪيس کي صرف هڪ فائل بڻائي ڇڏيو آهي. جڏهن ته هڪ خاندان جي دنيا اونده ۾ ٻڏي چڪي آهي. ميرپورخاص ۾ فهميده لغاريءَ جو واقعو ته جڻ تعليم جي نالي تي قائم ادارن جي اصل چهري کي بي نقاب ڪري ٿو هڪ شاگردياڻي، جيڪا پنهنجي خوابن کي حقيقت بڻائڻ لاءِ پڙهڻ آئي هئي، ذهني اذيت ۽ هراسمينٽ جو شڪار ٿي پنهنجي زندگي ختم ڪرڻ تي مجبور ٿي وئي. اهو صرف هڪ فرد جو قصور ناهي، هيءَ پورو نظام سوال هيٺ آهي. ڇا اسان جا تعليمي ادارا علم جا مرڪز آهن يا خوف ۽ دٻاءُ جا اڏا؟ جيڪڏهن هڪ نياڻي محفوظ نه آهي ته پوءِ اسان جي تعليم ۽ سماج ٻنهي جي ناڪامي صاف ظاهر آهي. ۽ پوءِ ڪراچيءَ ۾ ڊاڪٽر سارنگ حسين ميمڻ جو قتل! هڪ پڙهيل لکيل، خدمتگار انسان، جنهن جي هٿن ۾ ماڻهن جون زندگيون بچائڻ جو هنر هو. ڪيس زال جي سامهون بي رحميءَ سان قتل ڪيو ويو اهو واقعو رڳو هڪ قتل نه پر قانون جي مڪمل ناڪاميءَ جو اعلان آهي. جڏهن شهر جي وچ ۾، شاهراهه تي، ڪنهن کي بي خوف ٿي گوليون هڻي سگهجن ته پوءِ عام ماڻهوءَ جي حفاظت ڪٿي آهي؟ ڇا اسان واقعي هڪ مهذب سماج ۾ رهون ٿا يا ڪنهن اڻ ڏٺل جنگ جو حصو بڻجي چڪا آهيون؟

اهي چار واقعا الڳ الڳ نه آهن. اهي هڪ ئي زنجير جون ڪڙيون آهن. اهي ٻڌائن ٿا ته سنڌ ۾ قانون جي عملداري ڪمزور ٿي چڪي آهي انصاف جو نظام سست آهي ۽ انساني جان جي قيمت گهٽجي وئي آهي. اسان جو سماج بيحسيءَ جي اهڙي حد تي پهچي ويو آهي. جتي ڪنهن جي موت تي ڪجهه ڏينهن ڳالهيون ٿين ٿيون پوءِ سڀ ڪجهه وساري اڳتي وڌي وڃجي ٿو. اِئين محسوس ٿئي ٿو ته سنڌ اڄ به عربن ۽ ارغونن جي غلاميءَ هيٺ آهي جو اڻ سڌيءَ ريت اُنهن ئي غاصبن جا پونئير حڪومت ڪري رهيا آهن. جن کي سنڌ جي ماڻهن سان ڪڏهن به سروڪار ناهي رهيو! اهڙي صورت ۾ سوال اِهو ٿو اُڀري ته ڇا سنڌ هميشه اِئين ئي ننڌڪي رهندي يا اُن جو ڪو والي وارث به سامهون ايندو؟

اٽليءَ جي شهرن جو سفري داستان!

عبدالله عثمان موراڻي

(حصو ٻيو)

نيپلز ۾ چنچر جي رات ماڻهن جي ريل پيل : چنچر جي شام هجڻ ڪري شهر پنهنجي پوري جوش ۽ جذبي سان ڀرپور ۽ متحرڪ هو ائين لڳو جڻ نيپلز جا ماڻهو هفتيوار موڪل کي رڳو سائي نموني ناهن گذاريندا پر اهي ان کي پوري دل سان جيئندا آهن نوجوانن سان گهٽيون ۽ رستا ڀريل هيا، گهٽين مان ٽهڪن جا آواز اچي رهيا هئا ۽ هوا ۾ موسيقي ڳالهه ٻولهه ۽ هڪ عجيب انتظار جو ميلاپ هو اتي ۾ پاسي ۾ ڳڏيل خوشيءَ جو هڪ احساس هو جڻ ته سڄو شهر زندگيءَ جو جشن ملهائڻ لاءِ ٻاهر نڪري آيو هجي

نيپلز جي تاريخ، نفاست ۽ عظمت : جڏهن اسان شهر ۾ پنڌ گهمي رهيا هئاسين ته اسان جو نيپلز جي تاريخي نشانين مان هڪ يعني نيپلز جي قلعي Castel Nuovo وٽان گذرڻ ٿيو اهو وچين دور جو هڪ قلعو آهي ۽ شهر جي بندرگاهه جي ويجهو هڪ خاموش وقار سان بيٺل نظر اچي ٿو ان جو وڏو وجود رات جي روشنين ۾ چمڪي رهيو هو ۽ ائين محسوس ٿي رهيو هو جڻ اهو قلعو شهر جي ماضيءَ جو ڪو خاص محافظ هجي

اتي اسان وايا توليدو (Via Toledo) ڏانهن وڌياسين جيڪا نيپلز جي سڀ کان وڌيڪ متحرڪ ۽ هل چل وارن رستن مان هڪ آهي هي رڳو هڪ رستو ناهي پر هڪ مڪمل تجربو آهي دڪانن ڪيفي ۽ انسانن جي اڻ کٽ چهل پهل ۽ ريل پيل سان ڀريل ۽ پريون وايا توليدو شهر جي دل جي ڌڙڪن جي عڪاسي ڪري ٿي لگزري برانڊز کان وٺي مقامي اسٽالن تائين هر شيءِ هڪ دلچسپ توازن سان گڏ موجود آهي ان کان پوءِ اهو تعميراتي شاهڪار سامهون آيو جنهن اسان جي توجهه پوريءَ طرح پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتي ۽ اها آهي گيلريا امبرٽو پهريون (Galleria Umberto I). ان جي اندر پير رکڻ سان ائين محسوس ٿيو جڻ اسان ڪنهن ٻي دنيا ۾ داخل ٿي ويا هجون پنهنجي شاندار شيشي جي گنبد، لوهه جي نفيس ڪم ۽ موزائيڪي فرش سان اها شاندار نموني پنهنجو پاڻ مڃائي بيٺي آهي هيءَ گيلري مون کي ميلان جي مشهور گيلريز وانگر نفاست جو اظهار ڪندي نظر آئي ڏينهن جي وقت پڪ سان روشني سنڌس ڇت مان نهايت خوبصورتيءَ سان ڇڻي هيٺ فرش تي ڪري مختلف عڪس ناهيندي هوندي، هي رڳو خريداريءَ جي جاءِ نه هئي پر اها فن، تاريخ ۽ ثقافت جو هڪ سنگم هئي

گهٽين جي حقيقت، خوبصورتي ۽ تضاد جو ميلاپ : جتي هڪ پاسي وايا توليدو (Via Toledo) جي ٻنهي پاسن کان جديد دڪان ۽ برانڊيڊ اسٽور موجود هئا، اتي ٿي هن رستي شهري زندگيءَ جو هڪ ٻيو پاسو پڻ ظاهر ڪيو اهو پاسو هو گهوڙيا ۽ پٿرائين وارا زمين تي عارضي اسٽال لڳائڻ وارا جيڪي مختلف قسم جون سوکڙيون ۽ ننڍيون ننڍيون شيون وڪڻي رهيا هئا. ان سڄي عمل ۾ هڪ اڻ کٽ راڳ يا ڊرامو هو، يعني هڪ ٻلي ۽ ڪوئي (Cat and mouse) واري صورتحال وڪڻندڙ هروقت هوشيار رهندا آهن ته جيئن اختيارين يعني پوليس کي ڏسندي ئي غائب ٿي وڃن پر اتي ائين محسوس ٿيو جڻ ته اهو سڀ ڪجهه معمول جو حصو بڻجي چڪو آهي جڻ ته ٻنهي ڌرين کي هن خاموش راند يعني نظم و ضبط ۽ بقا جي اصولن جي پوري خبر هجي ريسٽورنٽ، بار ۽ ڪيفي ماڻهن سان سٽيل هئا، ماڻهن جي وڏي ڀيهه هئي جن ۾ مقامي ماڻهو توڙي سياح هڪجهڙي تعداد ۾ موجود هئا شهر رڳو مصروف نه پر پنهنجي پوريءَ جوانيءَ ۾ مدهوش هو

مغل اعظم ريسٽورنٽ تي رات جي ماني : جڏهن رات جي مانيءَ جو وقت ٿيو ته ان اطالوي ماحول جي وچ ۾ به اسان پاڻ کي ڪنهن واقف شيءِ ڏانهن ڇڪجندي محسوس ڪيو جيڪو مغل اعظم نالي هڪ پاڪستاني ريسٽورنٽ هو ان جي اندر ديسي ماحول ڪافي سٺو ۽ ڪنهن هنڌ تائين ريل پيل وارو هو ۽ ديسي کاڌي جي خوشبوءِ اسان کي هڪدم پنهنجي وطن جي ياد ڏياري ڇلي ڏاڻيدار کاڌن جي پليٽن سان گڏ اسان جي سنڌي ڪچهري به هلندي رهي جيڪا يقينن ٿڪن ڳڏيل ياد گيرين ۽ زندگيءَ جي مختلف حصن جي ڪهاڻين سان ڀرپور هئي

اتي هڪ ننڍڙو پر اثرائتو مشاهدو مون ڪيو هڪ وچولي عمر جي ديسي عورت اڪيلي ويٺي هئي ۽ پنهنجي مانيءَ مان مڪمل سڪون سان لطف اندوز ٿي رهي هئي اتي ته ڪا هيڪ هئي نه ڪا بي چيني پر رڳو هڪ خاموش اعتماد هو مون کي پڙهيو هو ته جيڪي ماڻهو اڪيلائيءَ ۾ به سولائيءَ سان ڪنهن ريسٽورنٽ تي وڃي ماني کائي سگهندا آهن، اهي هڪ خاص ذهني قوت ۽ خودمختياري رکندا آهن ڪيس ڏسندي مون ان خيال کي حقيقت جي روپ ۾ محسوس ڪيو هوءَ مطمئن خود اعتماد ۽ شايد هڪ خاموش طاقت جي ملڪ لڳي رهي هئي

بندرگاهه تي رومانس لهرون ۽ نوجوانن ۾ توانائي : رات جي مانيءَ کان پوءِ هوا ۾ موجود ٿوري ٿڌڪار اسان کي ياد ڏياريو ته نيپلز ۾ مارچ جون شامون اڃا تائين سياري جو لمس رکي سگهن ٿيون اسان پنڌ ئي پنڌ بندرگاهه واري علائقي ڏانهن وڌياسين ۽ اتي جيڪو ماحول اسان جو منتظر هو اهو مڪمل طور تي مختلف هو ٽائرينين سمنڊ (Tyrrhenian Sea) جيڪو پوتوچ يعني ميڊيٽرينين سمنڊ جو هڪ حصو آهي پُرامن طرح سان اسان جي سامهون پکڙيل هو سنڌس زندهه ترم ۽ هلڪيون لهرون ڪناري سان ٽڪرائجي رهيون هيون جيڪي هڪ سڪون ڏيندڙ تال ۽ موسيقي پيدا ڪري رهيون هيون هيٺ سمنڊ جي ڪناري تي رکيل وڏا پٿر غير رسمي ويهڻ جي جڳهه بڻجي چڪا هئا جوڙا هڪٻئي جي ويجهو ويٺا هئا، خاموش گفتگو ۽ پاڪرن ۾ مدهوش هئا، جيڪو هڪ گهرو رومانوي منظر پيش ڪري رهيو هو.

اڄوڪو ڏينهن - 23 اپريل

مولانا الهرڪيو چانڊيو

سنڌ جي جيد عالم، محدث ۽ مدرس مولانا الهرڪئي چانڊئي جي ولادت 23 اپريل 1851ع تي موجوده قمبر شهدادڪوٽ ضلعي ۾ ڳوٺ ڏڳهه سرمور چانڊيو ۾ ٿي هن ابتدائي ديني تعليم پنهنجي ڳر جي مدرسن مان حاصل ڪئي ان بعد سيتا روهڙيءَ ۽ پنگ شريف (ملتان) جي ديني درسگاهن مان اعليٰ تعليم حاصل ڪري دستاربند ٿيو تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو مدرسو کولي ديني تعليم ڏيڻ شروع ڪيائين هو پنهنجي دور جو مشهور مدرس هو ۽ وٽس سنڌ ته جي ٻارن سان گڏ سنڌ ۽ بلوچستان جي ڏورانهن علائقن مان سوين شاگرد پڙهڻ ايندا هئا، اينٽريڪٽر جو ايران جا به ڪجهه شاگرد وٽس علم جي اڃ اجهائڻ لاءِ آيا هئا. هو بدعتن جي سخت خلاف هو ۽ سڄي عمر معاشري مان برائين جي خاتمي لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو هن 11 سيپٽمبر 1937ع تي راهه رباني ورتي

مخدوم غلام حيدر صديقي



اڄ هالا جي مشهور سروري خاندان جي علم دوست شخصيت مخدوم غلام حيدر صديقيءَ جي ولادت جو ڏينهن آهي هن عظيم انسان جي ولادت باسعادت 12 ذوالحج 1316هه مطابق 23 اپريل 1899ع ۾ هالا نوان ۾ ٿي ڪجهه حوالن ۾ سنڌس جنم جي تاريخ 23 بجاءِ 24 اپريل پڻ لکي وئي آهي پاڻ مخدوم نوح جي 14هين سجاده نشين مخدوم ميان ظهيرالدين عرف ميان پريل جام جو چوٿون نمبر فرزند هو ابتدائي تعليم خانگي طور هالا مان حاصل ڪيائين ان بعد وڌيڪ تعليم ديوبند مان حاصل ڪري جڏهن هالا واپس موٽيو ته سنڌس والد سمورو ڪاروبار هن جي حوالي ڪري ڇڏيو هالا ميونسپالٽيءَ جي صدارت سان پنهنجي سياسي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگيءَ کان پوءِ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ عمر جي پڇاڙڪي حصي تائين ميمبر رهندو آيو. مخدوم صاحب هڪ علم دوست شخصيت جو مالڪ هو سنڌس ئي ڪوششن سان 1942ع ۾ هالا نوان ۾ پهريون پرائمري اسڪول کليو هن مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول پنهنجي ذاتي خرچ سان تعمير ڪرايو. 1944ع ۾ انهيءَ هاءِ اسڪول جي شاگردن لاءِ عليشان هاسٽل تعمير ڪرايائين 1947ع ۾ سروري اسلاميه ڪاليج جو قيام به سنڌس عظيم ڪارنامو آهي سنڌس ئي ڪوششن سان مخدوم نوح رحہ جي درگاهه ۽ مسجد جي سامهون جمعي نماز پڙهڻ لاءِ هڪ وڏو ورانڊو تعمير ٿيو پاڻ هڪ عالم ۽ اديب پڻ هو سنڌس تصنيف ڪيل ڪتابن ۾ اسلامي تصوف (1932)، سوانح عمري حضرت مخدوم نوح رحہ (1933)، اسوهه محمدي (1935) ۽ نبوي اخلاق (1935) شامل آهن تاريخ 26 رمضان 1372هه مطابق 9 جون 1953ع تي سنڌن وفات ٿي طالب المولي اڪيڊمي پاران سنڌن زندگيءَ تي

ڪورس پاس ڪري تپيدار مقرر ٿيو. هو هڪ پلوڙ شاعر هو. سنڌس شاعريءَ جي مجموعن ۾ سڻ سڏڙا سيڪڙيائن، واڪا ولهيءَ وس، سڪ، سسئيءَ ۽ سور، گلشن اختر، وهلو وارث ور، نوراني نور، ڏنمر ڏکن ڏس، هيڏن هوت حمايتي، ڪيهون ۽ ڪارون، برڪتي بحر ۽ جيجل جي جهوري شامل آهن. هن 1973ع ڌاري وفات ڪئي.

خالد حيات سيف قاضي

هن نئليواري شاعر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1951ع ۾ موري شهر ۾ قاضي عبدالوهاب عزيز جي گهر ۾ ٿيو هن ڇهين ڪلاس ۾ پڙهڻ دوران شاعري شروع ڪئي شروع ۾ احمد بخش ميمڻ احمد موراڻيءَ ۽ محمد ابراهيم مائل سولنگيءَ کان اصلاح وٺندو هو بعد ۾ حافظ محمد احسن چنه، رئيس ضياء الدين بلبل ۽ قمر عباسيءَ جهڙن ڪهنه مشق شاعرن سنڌس سرپرستي ۽ اصلاح ڪئي ڪيس غزل جي صنف تي خاص ملڪو حاصل آهي

زوار پيرزادو

اڄ مشهور ليکڪ ۽ صحافيءَ زوار پيرزادي جي جنم جو ڏينهن آهي هو 23 اپريل 1965ع تي مشهور ليکڪ انور پيرزادي جي گهر ۾ پيدا ٿيو هو هڪ ڊگهي عرصي کان "روزاني عوامي آواز" سان لاڳاپيل آهي پاڻ هڪ بهترين ڪالم نويس پڻ آهي سنڌس ڪالمن جو مجموعو "نوٽ ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون" ڇپجي چڪو آهي پنهنجي والد جي نالي سان "انور پيرزادو اڪيڊمي" قائم ڪري انور پيرزادي جا ڇهه ڪتاب ڇپرائي چڪو آهي

جان خاصخيلي

اڄ مشهور شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ صحافيءَ جان خاصخيليءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو جنم 23 اپريل 1956ع تي هالا تعلقي جي ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻيءَ ۾ ٿيو ايم اي (سوشالاجي) تائين تعليم حاصل ڪيائين هو هڪ ڊگهي عرصي تائين مختلف علمي، صحافتي ۽ ادبي تنظيمن سان لاڳاپيل رهيو هو ڪيترائي ڀيرا سنڌي ادبي سنگت جي ڪراچي شاخ جو سيڪريٽري رهيو مختلف سنڌي، اردو ۽ انگريزي اخبارن ۾ صحافتي ذميداريون سنڀاليائين هن جي لکيل ڪتابن ۾ "گر ٿيل ماڻهوءَ جو سفرنامو" (ڪهاڻيون)، "خوابن جي موسم جو هڪ گيت" (شاعري) ۽ "خوابن جو عجائب گهر" (ڪهاڻيون) شامل آهن تاريخ 19 مارچ 2022ع تي سنڌس ساهه جو

مختيار اثر

مختيار اثر

قومي محاذ تعلقي ڏگهڙي ۽ ميرپور خاص ضلعي جو صدر پڻ رهيو 2005ع ۾ صحافت جو سفر اختيار ڪيائين ۽ 2012ع ۾ ٽائون ڪميٽي ڏگهڙيءَ ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو هو سنڌي ادبي سنگت سان پڻ سلهاڙيل رهيو آهي سندس ادبي پورهئي ۾ "ڏگهڙيءَ جي تاريخ"، "ڪشمير ڪنواس" (سفرنامو) ۽ "گورڪ" (ناول) شامل آهن

درگاهي ميراڻي

اڄ مشهور شاعر درگاهي ميراڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪاره بيگم فقيرياڻيءَ جو پٽ هو هن جو جنم 5 مارچ 1942ع تي ضلعي شڪارپور جي ڳوٺ انباهه ۾ ٿيو سنڌس چٺيءَ جو نالو عبدالرحمان ميراڻي هو مئٽرڪ جو امتحان ميونسپل هاءِ اسڪول روهڙيءَ مان پاس ڪيائين بي اي جو امتحان اسلاميه ڪاليج سکر مان پاس ڪيائين ايم اي (انگريزي ادب) جي سند به حاصل ڪيائين ننڍيون وڏيون نوڪريون ڪرڻ کان پوءِ انگريزيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو هو هڪ قادرالڪلام شاعر هو شروع ۾ سنڌس تخلص "ديوانو" هو پر پوءِ "درگاهي ميراڻي" تخلص اختيار ڪيائين سنڌس شاعريءَ جو مجموعو "سنڌي سڪ پرين" ڇپجي چڪو آهي ان کان علاوه سنڌس ڪافين جا ڪجهه ننڍڙا ڪتابڙا پڻ ڇپيل آهن هن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ بيدل فقير جي ڪجهه شاعري انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪئي هن 23 اپريل 1988ع تي وفات ڪئي

ارشد هالائي

اڄ مشهور شاعر ۽ ليکڪ ارشد هالائيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم 15 آگسٽ 1932ع تي هالا ۾ ٿيو هن جو اصل نالو عبدالرحيم ابڙو هو هن ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم هالا مان حاصل ڪئي هو تعليم کاتي ۾ اسڪول جو استاد هو ڪجهه عرصو ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ۽ ايگروٽيڪنيڪل آفيسر طور به ڪم ڪيائين هو هڪ سٺو شاعر ۽ مضمون نگار هو پاڻ "بزم رفيق" ۽ "سنيلسي ادبي سنگت هالا" جو ميمبر هو سنڌس لکيل ڪتابن ۾ "سر سارنگ جي تشريح"، "برساتي بوندون"، "بانو"، "رفيق گرامر" ۽ "انگلش ٽرانسليٽر" شامل آهن هن انمول انسان 23 اپريل 1991ع تي راهه رباني ورتي

ايس ايم لا ڪاليج ڪراچيءَ مان ۽ ايم اي (سنڌي) سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان پاس ڪيائين شروع ۾ اسڪول ۾ استاد طور ڪم ڪيائين پر پوءِ وڪالت ڪرڻ شروع ڪيائين 1990ع ۾ سنڌ جي قانون واري کاتي ۾ وڪيل مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪري ڊپٽي اٽارنيءَ جي عهدي تائين پهتو. هن ستر واري ڏهاڪي ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ پاڪستان ٽيليويزن لاءِ ڪئين شاهڪار ڊراما لکيائين سنڌس ڪهاڻين جو مجموعو "پل تي ويٺل هڪ نوجوان" ڇپجي چڪو آهي 23 اپريل 1999ع تي سنڌس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو

ڪامريڊ احمد خان لغاري

اڄ سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي اڳواڻ ڪامريڊ احمد خان لغاريءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن اڻلهه انسان 1933ع ڌاري ضلعي ٽنڊي الهيار جي شهر جمبڙ ويجهو ڳوٺ جام خان لغاريءَ ۾ هڪ هاريءَ محمد بچل لغاريءَ جي گهر ۾ اکيون کوليون غربت سبب ڪنهن اسڪول ۾ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو هن 15 ورهين جي ڄمار ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي جلسي ۾ هڪ نظم پڙهيو جيڪو ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ کي تمام گهڻو وڻيو ۽ ان ڏينهن کان ڪامريڊ احمد خان سنڌي هاري ڪميٽيءَ جو هڪ اڻٿڪ انگ بڻجي ويو هن هارين کي پنهنجا حق وٺي ڏيڻ لاءِ لاتعداد جدوجهد ڪئي ۽ وڏيرن تي ڪيس داخل ڪيا. هن جمبڙ ۾ پنهنجي عدالت لڳائي وڏيرن ۽ جاگيردارن کان هارين کي حق وٺي ڏنا، ترجي وڏيرن ۾ ڏرتلو مچي ويو ۽ هنن ڪامريڊ جي خلاف ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو، ڪامريڊ ۽ سنڌس ڪجهه ساٿي گرفتار ٿيا ۽ ڪين ڏهن ڏهن ڪوڙن جي سزا ڏني وئي ملٽري ڪورٽ جي سزا ۽ ڦٽڪا ڪامريڊ جي عزم ۽ همت کي لوڏي نه سگهيا ۽ هو هميشه هارين جي حقن لاءِ آواز اٿاريندو رهيو اڳتي هلي هن رسول بخش پليجي جي عوامي تحريڪ ۾ شموليت اختيار ڪئي افسوس جو عمر جي آخري حصي ۾ پنهنجي اکين جو نور وڃائي ويٺو هن عظيم انسان 23 اپريل 2021ع تي وفات ڪئي

خادم گهراڻو

اڄ مشهور ليکڪ خادم گهراڻي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي، هيءَ ناميارو ليکڪ 23 اپريل 2022ع تي اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو. هو هڪ بهترين شاعر، نثر نگار، تاريخ جو ڄاڻو ۽ هڪ قابل استاد هو هن جو اصل نالو محمد خان گهراڻو ۽ تخلص خادم هو سنڌس جنم 5 آڪٽوبر 1967ع تي نصرپور ۾ ٿيو ابتدائي تعليم نصرپور مان حاصل ڪيائين. اڳتي هلي ايم اي (ايڪانامڪس) ۽ بي ايڊ جون سنڌون حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ ۾ هو

سنڌ سينٽر فار ايڪسيلينس آن ڪائونٽرنگ وايولينٽ ايڪسٽريمز، هوم ڊپارٽمينٽ، سنڌ حڪومت

سينٽر فار ايڪسيلينس آن ڪائونٽرنگ وايولينٽ ايڪسٽريمزم، هوم ڊپارٽمينٽ، سنڌ حڪومت ۾ ڪانٽريڪٽ جي بنياد تي هيٺين عهدن لاءِ دلچسپي رکندڙ اميدوارن کان درخواستون طلب ڪيون وڃن ٿيون. شروعاتي ڪانٽريڪٽ جو مدو ٻه (2) سال هوندو، جنهن کي اطمينان بخش ڪارڪردگي جي بنياد تي وڌائي سگهجي ٿو:

نمبر شمار	عهدي جو نالو	خالي جاين جو تعداد	وڌ ۾ وڌ عمر جي حد	قابليت، تجربو ۽ ٻيا شرط
1.	ڊائريڪٽر ايڊمنسٽريشن اينڊ فنانس	1	60سال	a. پبلڪ ايڊمنسٽريشن، فنانس، اقتصاديات(Economics) ، يا فنانشل مينيجمينٽ ۾ ماسٽرز ڊگري. b. ايڊمنسٽريشن، فنانشل / بجيٽ مينيجمينٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 10 سالن جو تجربو. c. اهڙن اميدوارن کي ترجيح ڏني ويندي جن کي سرڪاري کاتي ۾ ايڊمنسٽريشن، فنانس، اڪائونٽس، آڊٽ، پروڪيورمينٽ، ۽ فنانشل مينيجمينٽ ۾ ڪم ڪرڻ جو تجربو هوندو.
2.	ڊائريڪٽر ريسرچ اينڊ پلاننگ	1	55سال	a. سيڪيورٽي اسٽڊيز، ڊفينس اينڊ اسٽريٽجڪ اسٽڊيز، ڪائونٽر ٽيررزم اسٽڊيز، يا پبلڪ پاليسي ۾ ماسٽرز ڊگري. b. ريسرچ، پلاننگ ۽ پاليسي تجزيي(Policy Analysis) ، ٽريننگ لاءِ ڪيپيسٽي بلڊنگ پروگرامن جي نگراني، ۽ ڪميونٽي اينگيجمينٽ پروجيڪٽس کي منظم ڪرڻ / نگراني ڪرڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 10 سالن جو تجربو. c. اهڙن اميدوارن کي ترجيح ڏني ويندي جن کي ريسرچ، پاليسي تجزيي، ريسرچ تي ٻڌل مداخلتن کي تيار ڪرڻ، ضلعي پروفائلز تيار ڪرڻ ۽ پرتشدد انتهاپسندي کي روڪڻ ۽ ان جو مقابلو ڪرڻ لاءِ اسٽريٽجڪ روڊ ميپس تيار ڪرڻ جو تجربو هوندو.
3.	اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ريسرچ	1	40 سال	a. اسٽريٽجڪ ۽ سيڪيورٽي اسٽڊيز، پبلڪ پاليسي، يا اقتصاديات ۾ بيچلر ڊگري. b. ريسرچ ڪرڻ، پاليسي پيپرز تيار ڪرڻ، تجزياتي رپورٽون ٺاهڻ ۽ تعليمي ادارن ۽ سرڪاري تنظيمن سان رابطه ڪاري ۾ گهٽ ۾ گهٽ 05 سالن جو تجربو. c. اهڙن اميدوارن کي ترجيح ڏني ويندي جن کي ريسرچ، پاليسي تجزيي، ڊيٽا گڏ ڪرڻ، سروي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان ڪم ڪرڻ جو تجربو هوندو.
4.	اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪيپيسٽي بلڊنگ	1	40 سال	a. تعليم، هيومن ريسورس، مينيجمينٽ سائنسز، يا پبلڪ ايڊمنسٽريشن ۾ بيچلر ڊگري. b. ٽريننگ مينوئلز تيار ڪرڻ، ٽريننگ آف ٽرينرز هلائڻ، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، نوجوانن، مذهبي اڳواڻن، عورتن ۽ ڪميونٽي نمائندن لاءِ ورڪشاپون منظم ڪرڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 05 سالن جو تجربو. c. اهڙن اميدوارن کي ترجيح ڏني ويندي جن کي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان ڪيپيسٽي بلڊنگ، ٽريننگ ڊيزائننگ، نصاب جي تياري ۽ ورڪشاپ مينيجمينٽ ۾ ڪم جو تجربو هوندو.
5.	اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪميونٽي انگيجمينٽ	1	40 سال	a. سوشيالاجي، ڊيولپمينٽ اسٽڊيز، پبلڪ ايڊمنسٽريشن، يا پبلڪ پاليسي ۾ بيچلر ڊگري. b. ڪميونٽي اينگيجمينٽ، عوامي آگاهي مهم هلائڻ، سرڪاري ۽ غير سرڪاري تنظيمن سان گڏجي پروجيڪٽس مڪمل ڪرڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 05 سالن جو تجربو. c. اهڙن اميدوارن کي ترجيح ڏني ويندي جن کي سرڪاري/غير سرڪاري تنظيمن ۾ ڪميونٽي اينگيجمينٽ، آئوٽ ريچ پلان ٺاهڻ، سوشل ميڊيا ذريعي سماجي متحرڪي، عوامي آگاهي مهم، نوجوانن ۽ عورتن لاءِ پروگرام شروع ڪرڻ ۽ بين المذاهب هم آهنگي بابت سيمينار ڪرائڻ جو تجربو هوندو.
6.	اسسٽنٽ ڊائريڪٽر فنانس	1	40 سال	a. فنانس، اقتصاديات، يا اڪائونٽنگ ۾ بيچلر ڊگري. b. اڪائونٽس مينيجمينٽ، مالي رپورٽون تيار ڪرڻ، اندروني/ٻاهرين آڊٽ، ۽ گرانٽس/پروجيڪٽ فنڊز جي مينيجمينٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 05 سالن جو تجربو. c. اهڙن اميدوارن کي ترجيح ڏني ويندي جن کي سرڪاري کاتن، پبلڪ سيڪٽر تنظيمن، يا سرڪاري/غير سرڪاري تنظيمن جي فنڊ ڪيل پروجيڪٽس ۾ بجيٽنگ، اڪائونٽس، آڊٽ، پروڪيورمينٽ، ۽ فنانشل رپورٽنگ جو تجربو هوندو.
7.	اسسٽنٽ ڊائريڪٽر انفارميشن ٽيڪنالاجي	1	40 سال	a. ڪمپيوٽر سائنس، انفارميشن ٽيڪنالاجي، انفارميشن سسٽمز، يا سائبر سيڪيورٽي ۾ بيچلر ڊگري. b. آفيس آءِ ٽي انفراسٽرڪچر ۽ ڪمپيوٽر نيٽ ورڪس، سسٽم ايڊمنسٽريشن، ڊيٽا بيڪ اپ/رڪوري، ۽ سائبر سيڪيورٽي پروٽوڪولز جي مينيجمينٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 5 کان 7 سالن جو تجربو. c. اهڙن اميدوارن کي ترجيح ڏني ويندي جن کي سرڪاري کاتي ۾ آءِ ٽي انفراسٽرڪچر، نيٽ ورڪ ايڊمنسٽريشن، سائبر سيڪيورٽي، ۽ سسٽم ايڊمنسٽريشن ۾ ڪم جو تجربو هوندو.
8.	اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايڊمنسٽريشن	1	40 سال	a. پبلڪ ايڊمنسٽريشن، هيومن ريسورس مينيجمينٽ، يا پوليٽيڪل سائنس ۾ بيچلر ڊگري. b. آفيس مينيجمينٽ ۽ رابطيڪاري، ۽ هيومن ريسورس مينيجمينٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 05 سالن جو تجربو. c. اهڙن اميدوارن کي ترجيح ڏني ويندي جن کي سرڪاري کاتن، يا سرڪاري/غير سرڪاري تنظيمن ۾ آفيس ايڊمنسٽريشن، هيومن ريسورس ۽ ڪوآرڊينيشن ۾ ڪم جو تجربو هوندو.
9.	سينيئر ريسرچر اينڊ پلانر	1	40 سال	a. انٽرنيشنل رليشنز، سوشيالاجي، پوليٽيڪل سائنس، يا پبلڪ پاليسي ۾ بيچلر ڊگري. b. ريسرچ رپورٽون تيار ڪرڻ، پاليسي تجزيي، پروگرام پلاننگ، ۽ ٽيمٽڪ ورڪ پلان ۾ گهٽ ۾ گهٽ 05 سالن جو تجربو. c. اهڙن اميدوارن کي ترجيح ڏني ويندي جن کي سرڪاري کاتن، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، تعليمي ادارن، ٿنڪ ٽينڪس، ۽ پرتشدد انتهاپسندي جي مقابلي واري شعبي ۾ ڪم جو تجربو هوندو.
10.	پوليٽيڪل اينالسٽ (سياسي تجزيه نگار)	1	40 سال	a. پوليٽيڪل سائنس، پبلڪ ايڊمنسٽريشن، پبلڪ پاليسي، جرنلزم، ماس ڪميونيڪيشن، يا انٽرنيشنل رليشنز ۾ بيچلر ڊگري. b. صوبائي ۽ قومي سطح تي سياسي صورتحال جو تجزيو ڪرڻ، ۽ ضلعي وار سياسي پروفائلز تيار ڪرڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 05 سالن جو تجربو. c. اهڙن اميدوارن کي ترجيح ڏني ويندي جن کي سرڪاري کاتن ۾ ڪم جو تجربو هجي، سنڌ حڪومت جي سسٽم کان واقف هجن، ۽ پرنٽ، اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا جي رجحانن جي نگراني جو تجربو هجي.
11.	ڪريڪيولم ڊيولپر (نصاب تيار ڪندڙ)	1	40 سال	a. تعليم، نفسيات، يا پبلڪ پاليسي ۾ بيچلر ڊگري. b. ٽريننگ ۽ آگاهي مهم لاءِ نصاب تيار ڪرڻ، تعليمي ادارن، سرڪاري کاتن ۽ فنڊ ڪيل پروجيڪٽس سان ڪم ڪرڻ جو گهٽ ۾ گهٽ 05 سالن جو تجربو. c. اهڙن اميدوارن کي ترجيح ڏني ويندي جن کي سماجي هڪجهڙائي، رواداري، بين المذاهب هم آهنگي، نوجوانن جي شموليت، عورتن جي اختيار ۽ پرتشدد انتهاپسندي جي روڪٿام بابت نصاب تيار ڪرڻ جو تجربو هوندو.
12.	آفيس اسسٽنٽ	7	45 سال	a. گريجوئيٽ. b. آفيس يا ڪلرڪي ڪم ۾ گهٽ ۾ گهٽ 05 سالن جو تجربو. c. ايم ايس آفيس ۾ مهارت، ٽائيپنگ جي سٺي رفتار (گهٽ ۾ گهٽ 30_40 لفظ في منٽ)، آفيس جي طريقيڪار جي ڄاڻ، نوٽنگ ۽ ڊرافٽنگ، رڪارڊ ڪيپنگ ۽ فائل مينيجمينٽ، سرڪاري لکپڙهه ۽ قاعدن جي ڄاڻ (ترجيحي)، ۽ خلاصا، بيان ۽ رپورٽون تيار ڪرڻ جي صلاحيت.
13.	آفيس رنر	4	35 سال	a. ميٽرڪ. b. آفيس جي ڪم ۽ آفيس کي سنڀالڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 05 سالن جو تجربو. c. بنيادي ذميوارين ۾ آفيس جي اندر يا ٻاهر خط، فائلون ۽ دستاويز پهچائڻ شامل آهن. آفيس جي جڳهن جي صفائي برقرار رکڻ ۽ گڏجاڻين دوران آفيس جي عملي جي مدد ڪرڻ.

شرط ۽ ضابطا

1. سڀئي پرتيون ٻن (02) سالن جي عرصي لاءِ ڪانٽريڪٽ جي بنياد تي ڪيون وينديون، جنهن کي اطمينان بخش ڪارڪردگي جي بنياد تي وڌائي سگهجي ٿو ۽ هڪ مهيني جي نوٽيس تي ختم ڪري سگهجي ٿو.
2. پرتي مقرر ٿيل ماهوار پگهار تي ڪئي ويندي.
3. سڀني عهدن لاءِ رڳو سنڌ جو ڊوميسائل رکندڙ اميدوار درخواست ڏئي سگهن ٿا.
4. رڳو شارٽ لسٽ ڪيل اميدوارن کي انٽرويو لاءِ گهرايو ويندو.
5. سرڪاري ملازم پنهنجي کاتي جي معرفت درخواست ڏين ۽ لاڳاپيل اختيارين کان اعتراض نه هجڻ جو سرٽيفڪيٽ (NOC) پڻ گڏ ڪن.
6. هي کاتو بغير ڪنهن سبب ڄاڻائڻ جي ڪنهن به يا سڀني درخواستن کي رد ڪرڻ ۽ پرتي جو سمورو عمل واپس وٺڻ يا روڪڻ جو حق رکي ٿو. ۽ اميدوارن کي ان سلسلي ۾ ڪنهن به عدالت ۾ ڪنهن به قسم جي دعويٰ ڪرڻ جو حق نه هوندو.
7. مٿي ڄاڻايل عهدن لاءِ گهربل قابليت، تجربو ۽ مهارت رکندڙ اميدوار پنهنجي سي وي (CV) تعليمي سرٽيفڪيٽن، تجربي جي سرٽيفڪيٽن ۽ قابليت جي دستاويزن سميت سيڪشن آفيسر (ايڊمن)، هوم ڊپارٽمينٽ، سنڌ حڪومت، تغلق هائوس، ڪراچي کي هن اشتهار جي ڇپجڻ جي 15 ڏينهن اندر موڪلين. مقرر تاريخ کان پوءِ مليل درخواستن تي غور نه ڪيو ويندو.
8. انٽرويو لاءِ ڪو به TA/DA نه ڏنو ويندو.

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/1532/2026

روزاني عبرت

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب عدالت فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات انيسه پنهنوار. پلينٽف بخلاف. مير مرتضيٰ ولد محمد شريف مسلم بالغ ذات ميمڻ رهندڙ فقير ميمڻ ڪالوني پان سعيد آباد تعلقو سيوهڻ ضلعو ڄامشورو. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته تاريخ 05-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار
ايف سي سوٽ نمبر 21 سال 2026

دانش علي ولد مرحوم محمد ملوڪ ذات ڊيشڪ رهندڙ ڳوٺ سائين داد ڊيشڪ تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار معرفت ماءُ مسمات غلام سڪينه بيواهه محمد ملوڪ. پلينٽف بخلاف. سيڪريٽري ايجوڪيشن حڪومت سنڌ ڪراچي ..ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته تاريخ 23-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته عرضدار نالي راحيل علي ولد زاهد علي رهندڙ الياس آباد ڪالوني ٽنڊو ڄام حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي زاهد علي ولد احمد علي تاريخ 01-05-1960 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 4 to 91,92,215/1 ديهه رئيس ٽيو ٽنڊو ڄام تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) راحيل علي (پٽ) (2) عاصر علي (پٽ) (3) عادل (پٽ) (4) مسمات زاهده (بيواهه) جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪو به جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪو به اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندي.

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته عرضدار نالي ڪانيو خان ولد ستار ڏنو رهندڙ ڳوٺ موري منگر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي محمد سليمان ولد ستار ڏنو تاريخ 17-09-1971 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 92 ديهه موري رعيتي ٽپو اي ٽنڊو ڄام تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) عبدالله (پٽ) (2) ستار ڏنو (پٽ) (3) زينب (ڌي) (4) مسمات حوا (ڌي) جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪو به جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪو به اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندي.

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته نالي محمود علي قائمخاني ولد ابراهيم خان شناختي ڪارڊ نمبر 4130210994609 هڪ عدد رهائشي پلاٽ نمبر 03 ايراضي 400 مربع گز واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد بذريعه الاٽمينٽ آرڊر نمبر 231 تاريخ 24-10-2013 موجب واحد قابض ۽ مالڪ ۽ مختيار آهيان ۽ هاڻي مذڪوره پلاٽ مان 200 گز پنهنجي پٽ نالي محمد شاهد ولد محمود علي قائمخاني شناختي ڪارڊ نمبر 4130205626771 ۽ 200 گز پنهنجي ڌي، نالي ثمن محمود قائمخاني ڌيءُ محمود علي قائمخاني شناختي ڪارڊ نمبر 4130238171716 کي پنهنجي رضا خوشي سان گفٽ ڪري رهيو آهيان ۽ مذڪوره پلاٽ پنهنجي ٻارن جي نالي تي ٽرانسفر / گفٽ ڪرائي رهيو آهيان اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشاعت جي شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندرحيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي شهباز بلڊنگ بلاڪ اي گرائونڊ فلور حيدرآباد وٽ ثبوتن سميت پيش ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ ٽرانسفر جي ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.

محمود علي قائمخاني ولد ابراهيم خان

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي موٽر سائيڪل رجسٽريشن نمبر HAP 0686 چيچس نمبر AJ873988 انجڻ نمبر 2981152 جو اصل رجسٽريشن بڪ ڪٿي ڪري گم ٿي ويو آهي ڪافي تلاش باوجود ملي نه سگهيو آهي اگر ڪنهن کي هٿ اچي ته هيٺ ڏنل ايڊريس تي ذاتي موڪلي.

اسماعيل ولد سهراب شناختي ڪارڊ نمبر 4130311602941 رهندڙ گهر نمبر E/26-211 فقير جو پڙ پشوري محلا حيدرآباد

نالي / ولديت جي درستي

جيئن ته منهنجي ڌيءُ تعليمي رڪارڊ ۾ غلطي سان نالو ۽ ولديت هن ريت لکجي ويو آهي Eshal D/O Muhammad Ghulam Mustafa جنهن کي درست ڪري صحيح نالو ۽ ولديت هن ريت لکيو ۽ پڙهيو وڃي Esha D/O Ghulam Mustafa Qureshi

غلام مصطفيٰ قريشي رهندڙ گهر نمبر A 23- عامل ڪالوني حيدرآباد سٽي

تاريخ پيدائش جي درستي

جيئن ته منهنجي ڌيءُ نالي عليشا نظام الدين جي تعليمي رڪارڊ ۾ غلطي سان تاريخ پيدائش 09-09-2012 لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري هن ريت لکيو ۽ پڙهيو وڃي 09-09-2013

نظام الدين ولد علي مراد مگسي رهندڙ گهر نمبر 19 لالو لاشاري ڪالي موري حيدرآباد

بقايا 1 — ٻه ڄڻا فوت

ڄڻو ناصر پٽ نجيب الله شاهه موقعي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته 3 ڄڻا امداد پٽ عبدالخالق بروهي ماجد پٽ محمد انور آرائين ۽ بابر پٽ جاويد بلوچ سخت زخمي ٿي پيا ڳيچائي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي ۽ زخمين کي نواب شاهه جي اسپتال منتقل ڪيو جتي بابر بلوچ زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويو ضروري ڪارروائي بعد ٻنهي فوتين جا لاش وارث سانگهڙ ڪٽائي ويا هوڏانهن ٽرڪ ڊرائيور کي پوليس حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي

بقايا 2 — ڇيپاڻجي فوت

ويو خبر فائل ٿيڻ تائين ڪيس وغيره داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا 3 — تحفظ جو مطالبو

طور مزدوري ڪندو آهيان جنهن سان گهر مشڪل سان هلي ٿو هن وڏيڪ چيو ته منهنجو پٽ پڻسن نه ملڻ تي موٽمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي جنهن ڪري سخت خوف ۽ عدم تحفظ جو شڪار بڻجي ويو آهيان ممتاز چنڊ پنهنجي نئين پٽ سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ت مان پنهنجي پٽ کان غير محفوظ ٿي ويو آهيان منهنجي زندگي کي سنگين خطرا لاحق آهن لاڳاپيل اعليٰ ادارن ۽ پوليس اختيارين خاص طور ايس ايس پي شڪارپور کان فوري نوٽيس وٺڻ جي اپيل آهي هن مطالبو ڪيو ته جوابدار پٽ سڄاد چنڊ کي جلد گرفتار ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ت جيئن ڪنهن به اڻ وڻندڙ واقعي کان بچي سگهجي

بقايا 4 — تحفظ جو مطالبو

زخمي ڪيو هو هنن ٻڌايو ته واقعي جو ڪيس داخل ڪرايو ويو هو پر عدالت جوابدار کي باعزت بري ڪري ڇڏيو وارين موجب بري ٿيڻ بعد ڄاڻايل ڌرڪين ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ سميت سنگين نوعيت جون ڌمڪيون پڻ ڏئي رهي آهي متاثر وارين انصاف لاءِ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ اپيل داخل ڪري ڇڏي آهي هنن چيف جسٽس سنڌ، آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪين شرپسند عنصرن کان تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ سندن سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 5 — پنج ڄڻا زخمي

جڏهن ته متاثر ڌر جي مسمات جهنور خاتون مسمات شبيران خاتون ۽ مسمات

گيچاڻي ويجهو ڪار اڳيان ويندڙ ٽرڪ سان ٽڪرائجڻ سبب ٻه ڄڻا فوت ٻه مرٽينگ

سانگهڙ نواب شاهه مين روڊ تي ٽائون پڊر اسٽاپ وٽ حادثي ۾ ناصر پٽ نجيب الله شاهه ٿڏي تي دم ڏنو

حادثي ۾ زخمي امداد بروهي، ماجد آرائين، بابر بلوچ ۽ لاش کي پوليس ڪڻائي اسپتال منتقل ڪيو

اسپتال ۾ بابر بلوچ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو، لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيا ويا

گيچاڻي (ن ع) گيچاڻي پرسان سانگهڙ نواب شاهه مين روڊ تي ٽائون پڊر اسٽاپ وٽ ڪار اڳيان ويندڙ ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار سانگهڙ جي شهر 6 چڪ جو رهواسي هڪ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويل اصغر مغل جو لاش پيل آهي

ٽنڊوآدم ۾ ٽرڪ جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر سبب پيرسن چيپاڻي فوت

شهيد بينظير پٽو اوور هيڊ پل تي حادثي ۾ 60 ورهين جو اصغر مغل فوت ٿي ويو

پوليس پهچي لاش کي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي شهيد بينظير پٽو اوور هيڊ پل تي ٻهه سان پريل ٽرڪ جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل تي سوار 60 سالن جو پيرسن محمد اصغر ولد محمد شريف مغل جيڪو حسن جميل ڪالوني جو رهواسي هو چيپاڻجي ٿڏي تي فوت ٿي ويو جنهن بعد ٽرڪ ڊرائيور ٽرڪ ڇڏي فرار ٿي ويو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش ڪڻائي تعلقي اسپتال پهچايو ۽ ٽرڪ کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي فوتي جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

چڪ ۾ واسي جو نافرمان پٽ جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

چڪ (ن ع) چڪ ۾ نافرمان پٽ خلاف پيءُ جو ننڍي پٽ سميت چڪ پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو چڪ واسي ممتاز چند الزام هڻندي چيو آهي ته سندس پٽ سجاد چند خراب صحبت ۾ اچي ويو آهي ۽ روزانو جي بنياد تي پئسن جي ڊمانڊ ڪري رهيو آهي مان پاڻ ويگن تي ڪلينر

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ: رهواسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور ۾ ليڊي جي واپارين جو شرپسندن پاران ڌمڪين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

خيرپور (د ر) خيرپور جي علائقي ليڊي سان تعلق رکندڙ واپارين قاضي حبيب الله ۽ قاضي انوار احمد گڏيل طور پريس ڪلب خيرپور ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي الزام لڳايو ته ليڊي شهر ۾ موجود سندن ذاتي ملڪيت قاضي هوٽل جيڪا لڳ ڀڳ ساڍا 10 هزار فوٽ تي مشتمل آهي، تي ڪجهه شرپسند عنصرن حملو ڪري ڪين

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ پرسان واٽر سپلاءِ اسڪيم جي ڪم ۾ ڪرپشن خلاف ايڪشن ڪميٽي جو ڌرڻو

پاڻي موٽر لاءِ ٽن ڪمرن بدران صرف هڪ ڪمرو تعمير پائيپ لائين به اڌوري ڇڏي وئي آهي: مظاهرين

سوين ڳوٺاڻا صاف پيئڻ جي پاڻي کان محروم آهن ۽ ڪارو پاڻي واپرائڻ تي مجبور بڻيل آهن

بار بار آگاهه ڪرڻ باوجود ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي وئي، رهواسي پريشاني ۾ مبتلا آهن

ڪڪڙ (رپورٽر) ڪڪڙ پرسان ڦرڙي جادو شهيد ۾ واٽر سپلاءِ اسڪيم جي سرمتي ڪم ۾ مبينا ڪرپشن ۽ ڪارو پاڻي فراهم ڪرڻ خلاف شهري ايڪشن ڪاميٽي پاران گاج لنڪ روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيجي ويجهو معصوم ٻارڙي واهه ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ خاڪي واسي جنسار سولنگي جي روبينا سولنگي نولکي واهه ۾ ٻڏي وئي

وارثن پاران ڳولا بعد وارث لاش ڪڻائي گهر پهتا ته ڪهرام مچي ويو

ڪنڊيجي (ن ع) ڪنڊيجي ويجهو ڳوٺ خاڪي ۾ نولکي واهه جي ڪپر جي رهواسي جنسار علي سولنگي جي معصوم ڌيءَ روبينا سولنگي نولکي واهه جي ڪناري تي راند ڪندي اوچتو واهه ۾ ڪري پئي ۽ ٻڏي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٿرپارڪر ضلعي اندر مختلف هنڌن تي خودڪشي جا ٻه واقعه پيش

ڳوٺ مگهو ڀيل ۾ پورهيت سترام ڀيل ڦاهو ڪائي خودڪشي ڪري ڇڏي

ڳوٺ سينگالو ۾ ناري سلمه ڪهر جي چونٽري ۾ رسو ٻڌي ڦاهو ڪائي زندگي جو انت آندو

مٺي (د ر) ضلعي ٿرپارڪر اندر مختلف هنڌن تي خودڪشي جا ٻه واقعه پيش آيا. اسلام ڪوٽ جي ويجهو ڳوٺ مگهو ڀيل ۾ 45 ورهين جي پورهيت سترام ڀيل ڳچي ۾ رسو وجهي ڦاهو ڪائي خودڪشي ڪري ڇڏي ۽ پوليس کي اطلاع ڪيو ويو جنهن پهچي لاش کي تحويل ۾ ورتو اسلام

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: هڪ ڪاريگر پاڻمرادو بيٽري تي هلڻ واري اسڪوٽي تيار ڪري رهيو آهي

خيرپور ۾ ڪوٽڏيجي واسي عورتن جو پوليس جي زيادتين خلاف پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

مظاهرين زرينا ملڪ، ربل خاتون، ارشاد خاتون، الهڏنو ملڪ ۽ ٻين ايس ايس پي آفيس اڳيان احتجاج ڪيو

بااثر جوابدار رات جي وقت نشي جي حالت ۾ گهرن ۾ داخل ٿي چادر ۽ چارديواري جو تقدس پامال ڪن ٿا: مظاهرين

ٿاڻي تي رپورٽ لکرائڻ باوجود پوليس جوابدارن خلاف ڪارروائي نٿي ڪري، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

خيرپور (د ر) خيرپور ۾ ايس ايس پي آفيس اڳيان عورتن، معصوم ٻارڙن جو پاڪ ڪتاب کڻي بااثر ماڻهن ۽ ڪوٽڏيجي پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي زرينا

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: جي يو آءِ اڳواڻ راشد محمد سومرو ڪارڪنن کي خطاب ڪري رهيو آهي

شهدادپور ويجهو آبادگارن جو پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ ۽ وارا بندي خلاف احتجاجي ڌرڻو

آبادگارن محبوب جمالي، وزير حسين خاصخيلي، بچل خاصخيلي، شبير احمد جمالي ۽ ٻين ٽيڪهاڻو پُل وٽ ڌرڻو هنيو

ايس ڊي او ۽ انجنيئر پيسن عيوض اوچاڻو شاخ ۽ سرهاڙي شاخن جو پاڻي وڪرو ڪري رهيا آهن: مظاهرين

غيرقانوني وارابندي ختم ڪري سرهاڙي ۽ اوچياڻو شاخن جي آبادگارن کي سندن حصي جو پاڻي ڏنو وڃي

شهدادپور (ن ع) علي بحر واهه مان نڪرندڙ اوچاڻو شاخ ۽ سرهاڙي شاخ ۾ مبينه پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ ۽ وارا بندي خلاف آبادگارن جو ٽيڪهاڻو پُل وٽ احتجاجي مظاهرو

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

نوري آباد ۽ ڀرپاسي جي عوام جي سهولت لاءِ ٽراما سينٽر قائم ڪرڻ جو فيصلو

سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروسز ۽ ٻقائي ميڊيڪل يونيورسٽي جي اعليٰ سطحي وفد دورو ڪيو

وفد پاران 30 بسترن واري سرڪاري اسپتال ۾ ٽراما سينٽر جي قيام لاءِ جائزو ورتو ويو

نوري آباد (ن ع) نوري آباد ۽ آس پاس جي عوام لاءِ هي ٽراما سينٽر صرف هڪ منصوبو نه پر زندگي بچائڻ جي هڪ اميد، هڪ نئون ساهه ۽ محفوظ مستقبل ڏانهن اهم قدم آهي نوري آباد ۾ ٽراما سينٽر قائم ڪرڻ جو فيصلو اعليٰ سطحي وفد جو 30 بسترن واري اسپتال جو دورو سنڌ ۾ ايمرجنسي طبي سهولتن کي وڌيڪ موثر ۽ جديد بڻائڻ لاءِ اهم اڳڀرائي ڪندي سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروسز (SIEHS) ۽ ٻقائي ميڊيڪل يونيورسٽي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

نوري آباد: ڊائو ميڊيڪل يونيورسٽي جو وفد اسپتال جو دورو ڪري رهيو آهي

ڪنڊڪوٽ ۾ مبينا استاد جي اغوا ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو

ڪنڊڪوٽ (د ر) ڪنڊڪوٽ تنگواڻي شهر جي سرڪاري اسڪول داد محمد سرڪي جا استاد شاگرد ۽ ڳوٺاڻن جو استاد جي مبينا گمشدگي سندس جو فون نمبر بند وڃڻ ۽ مبينا طور تي استاد جي اغوا ٿيڻ جي خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ حيسڪو جو آپريشن 200 کان وڌيڪ ڪنيڪشن ڪاٽا، 4 ٽرانسفارمر لاٿا ويا چڪتاڻ

نانگولائين، ملڪ ٽائون ڳوٺ يوسف بلوچ ۽ ٻين علائقن ۾ رات دير تائين ڪارروايون ڪيون ويون

ڪارروائي دوران 2 لک روپين جي بقايا پڻ وصول ڪئي وئي، مختلف علائقن مان 4 ٽرانسفارمر لاٿا ويا

گلشن شهباز جي علائقن ۾ واپڊا پاران ڏکهي لوڊ شيڊنگ جو سلسلو شروع ڪيو ويو، عوام سخت پريشان

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو) ڪوٽڙي شهر جي نانگولائين ملڪ ٽاون ڳوٺ يوسف بلوچ ۽ ٻين علائقن واپڊا حيسڪو ڪوٽڙي پاران ايس ڊي او گل بهار جي اڳواڻي ۾ غير قانوني ڪنيڪشن ۽ باقيدارن خلاف

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا ويجهو گوپانگ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، پنج ڄڻا زخمي

ڳوٺ لعل بخش گوپانگ واسي ڌرين ۾ پئسن جي ڏيتي ليتي تان جهيڙو ٿي پيو

زخمي مسمات جهنور، شبيران، رحيمان، الهڏتي ۽ ثناءَ کي اسپتال آندو ويو

سيٺارجا (ن ع) سيٺارجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ لعل بخش گوپانگ جي ٻين ڌرين ۾ پئسن جي ڏيتي ليتي تان جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ لٺين ڪهاڙين ۽ ڪهاڙين جي آزادانه استعمال ڪيو ويو نتيجي ۾ ڇهن عورتن مسمات جهنور خاتون، مسمات شبيران (شبنم)، مسمات رحيمان، مسمات الهڏتي ۽ ثناءَ گوپانگ سميت پنج ڄڻا زخمي ٿي پيا جن کي سيٺارجا پوليس ڪڻائي مقامي اسپتال پهچايو جتي ڪين طبي امداد ڏني وئي جنهن بعد ڏڪين کي سيٺارجا ٿاڻي تي آڻي ليٽر ڏئي علاج لاءِ اسپتال ٿري ميرواهه منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ويجهو شراب جي نشي ۾ ڌت موٽرسائيڪل سوار جي ٽڪر ۾ عورت

حق نواز چانڊيو ٽڪر ڏيڻ ويندڙ پيرسن جنت خاتون کي موٽرسائيڪل هيٺ زخمي ڪيو

علائقي واسي پيرسن عورت ڪڻائي اسپتال پهتا ته ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ کان چار ڪلو ميٽر پري بي ڪي ٿاڻي جي حد ۾ پوليس موجب نشي ۾ ڌت موٽر سائيڪل نوجوان حق نواز چانڊيو تيز رفتار موٽر سائيڪل راهه ويندڙ پيرسن عورت مسمات جنت خاتون ماچي مٿان چاڙهي ڇڏي جيڪا ڪيترن ئي فوٽن تائين ڪيس گهيلندي رهي نتيجي ۾ عورت ٿڏي تي ئي فوت ٿي وئي جنهن جي اطلاع ملڻ بعد علائقي جي نيڪ مرد مجيب الرحمان چانڊيو لاش ڪڻائي تعلقه اسپتال سڪرنڊ پهتو جتي ڊاڪٽرن پاران فوتگي جي تصديق ڪرڻ بعد ضروري ڪاغذي ڪارروائي ڪري لاش وارثن حوالي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ ۾ "چينج آف ڪمانڊ" جي پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي

ڪموڊور ذيشان علي تبادلي بعد ڪمانڊنٽ، پرنسپل جي چارج ڪيپٽن شاهد رفيق حوالي ڪيو

تقريب دوران ڪيڊٽن جي چاق و چوبند دستي ڪموڊور ذيشان علي کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو

چاهه نوازعلي (رپورٽر) ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ ۾ "چينج آف ڪمانڊ" جي شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي ڪموڊور ذيشان علي (ستاره امتياز ملٽري) ڪمانڊنٽ، پرنسپال ۽ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر جي حيثيت سان پنهنجي چارج ڪيپٽن شاهد رفيق (پاڪستان نيوي) حوالي ڪئي ٽئي پرنسپالن تقريب واري هنڌ ڪاليج جي رائيڊنگ ٽيم سان گڏ بگيءَ تي آيا. ان کان پوءِ ڪيڊٽس جي چاق و چوبند دستي ڪموڊور ذيشان علي (ستاره امتياز ملٽري) کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو "چينج آف ڪمانڊ اسٽڪ ۽ انسگنيا" تقريب اختيارن

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

چاهه نواز علي: ڪيڊٽ ڪاليج چاهه نواز علي جو نئون پرنسپال ڪيپٽن شاهد رفيق استادن سان ملي رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ جهوڻي مستري پاڻمرادو چارج ٿيندڙ اسڪوٽي تيار ڪري ورتي

شيخ پرڪيو جي زوار انور ڦمبراڻي جديد ٽيڪنالاجي سان نئون تجربو ڪري ڏيکاريو

منهنجي ڪوشش هئي ته اهڙي ٽيڪنالاجي تي ڪم ڪجي جيڪا سستي ثابت ٿئي: زوار انور

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان جي شيخ پرڪيو سان تعلق رکندڙ جهوڻي مستري زوار انور ڦمبراڻي بيٽري تي پاڻمرادو چارج ٿيڻ جي انوکي اسڪوٽي جي تياري ڪرڻ جو ڪارنامو سرانجام ڏئي ڇڏيو آهي، ٽنڊو محمد خان جي شيخ پرڪيو ۾ موٽر سائيڪل جي جهوڻي مستري زوار انور ڦمبراڻي اڄ جي جديد دور ۾ پنهنجي ڏاهپ ۽ محنت سان بيٽري تي پاڻمرادو چارج ٿيڻ واري اسڪوٽي جي تياري ڪرڻ جو هڪ نئون انڪشاف ظاهر ڪري پنهنجي محنت ۽ ڏاهپ جو انوکو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي، جنهن علائقي ۾ سندس ڏاهپ ۽

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد ۾ ڪڻڪ جي خريداري جو سرڪاري مرڪز نه کلڻ آبادگارن جو احتجاج

انتظاميا جي غفلت سبب خريداري وارو عمل معطل هجڻ ڪري غريب آبادگار روزانو چڪر لڳائڻ تي مجبور

حڪومتي دعوائون رڳو ميسيجز تائين محدود، پنهنجو ئي فصل وڪڻڻ لاءِ دربدر آهيون: آبادگار

نصيرآباد (ن ع) نصيرآباد ۾ بائي پاس لڳ قائم ڪيل سرڪاري ڪڻڪ جو خريداري مرڪز انتظامي نااهليءَ سبب اڃا تائين نه کلي سگهيو جنهن جي نتيجي ۾ سوين آبادگار ۽ هاري سخت پريشانين جو شڪار آهن هڪ طرف سنڌ حڪومت پاران روزانو موبائيل فونن تي ڪڻڪ جي خريداري جا ميسيج موڪليا پيا وڃن ته ٻئي طرف زميني حقيقت اها آهي ته سينٽر تي نه

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ ڊاڪٽر سارنگ ميمڻ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ شهري اتحاد جي ريلي

ڪراچي ۾ دهشت گرد سرعام هٿيار کڻي معصوم ماڻهن کي قتل ڪري رهيا آهن: مظاهرين

ڊاڪٽر سارنگ معصوم ماڻهو هو قتل ڪندڙ دهشت گردن کي گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي

بدين (د ر) ڪراچي ۾ دهشت گردن هٿان گولين هڻي قتل ڪيل ڊاڪٽر سارنگ ميمڻ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ شهري اتحاد طرفان ڊاڪٽر انصار حسين جعفري ڊاڪٽر عبدالرزاق سومرو خليفو طارق ميمڻ شجاعت حسين خواجه حاجي عزيز ميمڻ حاجي غني عباسي عزيز ڏيرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شاهنواز چوڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا مختلف رستن تان گشت ڪندي پريس ڪلب پهتي هن موقعي تي اڳواڻن ڊاڪٽر سارنگ ميمڻ جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ ناري روڊ ڪناري چوڙيون وڪرو ڪري رهي آهي

مورو پرسان ٻگهيا برادري جي هلندڙ خوني تڪرار جو نبيرو، 75 لک رپيا ڏنڊ مقرر

اڳوڻي ايم پي اي رئيس حزب الله خان ٻگهيو، سردار محمد علي ٻگهيو جي سرپرستي ۾ فيصلو ڪيو ويو

فيصلي ۾ غلام حيدر، حاجي عثمان ٻگهيو جي ڌر تي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 75 لک رپيا چٽي رکي ڌرين کي ڪير ڪنڊ ڪيو ويو

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) مورو پرسان ڳوٺ ملو اسماعيل ٻگهيو ۾ ڪي مهينا اڳ ٻگهيا برادري ۾ ٻن ڌرين هڪ ڌر ظفرالله ٻگهيو ۽ ٻي ڌر غلام حيدر ۽ حاجي عثمان ٻگهيو جي شادي دوران ڇڄ جو رستو

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

وزيراعظم شهباز شريف عملي قدمن تي يقين رکي ٿو، راڄا خليق الزمان انصاري

پرائم منسٽر يوٿ پروگرام تحت سنڌ جي يونيورسٽين ۾ هزارين ليپ ٽاپ ورهايا پيا وڃن

شهباز شريف عملي قدمن تي يقين رکي ٿو ۽ پنهنجي ويزن کي عملي صورت ڏني آهي

ٽنڊوآدم (ن ع) وفاقي حڪومت جي سنڌ لاءِ ترجمان راڄا خليق الزمان انصاري چيو آهي ته پاڪستان هن وقت پنهنجي سفارتي ۽ پرڏيهي پاليسي جي تاريخ جي بلند ترين مقام تي بيٺل آهي ۽ اها ڪاميابي وزيراعظم ميان شهباز شريف ۽ سندس ٽيم جي بي مثال محنت جو نتيجو آهي اهڙو اظهار هن پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي سرڪري اڳواڻ رئيس انور علي خان سري جي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: وفاقي حڪومت پاران سنڌ جي لاءِ مقرر ڪيل ترجمان خليق الزمان انصاري مسلم ليگ (ن) اڳواڻ رئيس انور سري جي دعوت ۾ شريڪ آهي

ڪورواهه ۾ ڳوٺاڻن جو زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو، انصاف جو مطالبو

ڪورواهه (ن ع) ٽنڊو غلام حيدر جي ڳوٺ فقير عبدالواحد ڪانڀاڻي جي رهواسين سڪندر ڪانڀاڻي غلام مصطفيٰ ڪانڀاڻي فقير مشتاق ڪانڀاڻي شوڪت ڪانڀاڻي فقير فرمان علي ڪانڀاڻي ۽ ٻين پريس ڪلب ڪورواهه پهچي ٻڌايو آهي ته برادري جي بااثر قاضي شمس ڪانڀاڻي عبداللطيف ڪانڀاڻي امتياز ڪانڀاڻي شايان ڪانڀاڻي خالد لطيف ڪانڀاڻي ۽

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد جي رهواسين جو پوليس عملدار خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

جيڪب آباد (د ر) جيڪب آباد جي رهواسين شهباز انڙ خميسو انڙ پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي چيو آهي ته پوليس عملدار جاويد انڙ اسان سان ناجائزيون ڪري رهيو آهي، اسان کي حراسان ڪري رهيو آهي، شهباز انڙ ڏانهيندي چيو ته پوليس عملدار جاويد انڙ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا: جهيڙي ۾ زخمي ٿيل عورتون اسپتال ۾ موجود آهن

شاهپورچاڪر ويجهو پنجن ٻارڙن جي ماءُ ڪارنهن الزام هيٺ ڏيرن هٿان قتل

اي ون پلاٽنگ ۾ رهندڙ 45 ورهين جي وزيران زال بخت حسين خاصخيلي کي ڏير قتل ڪري فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي عورت جو لاش ڪڻائي اسپتال آندو جتي ليڊي ڊاڪٽر نه هجڻ ڪري شهدادپور منتقل ڪيو

شاهپورچاڪر (ن ع) شاهپورچاڪر ڳوٺ مجنون چانگ پرسان اي ون پلاٽنگ ۾ رهندڙ 45 ورهين جي پنجن ٻارڙن جي ماءُ مسمات وزيران زال بخت حسين خاصخيلي کي ڪارو ڪاري جو الزام لڳائي ڏيرن

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: فوتي شخص جو لاش پيل آهي

پٽ شاهه پرسان قومي شاهراهه تي ڦر مزاحمت دوران فائرنگ، هڪ جوابدار گرفتار

هٿياربندن پاران ٽرالر ڊرائيور ۽ مسافرن کان روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦري ٿي مسافر زخمي

پوليس ۽ هٿياربندن وچ ۾ مقابلو هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو ساٿي فرار

پٽ شاهه (ن ع) پٽ شاهه لڳ قومي شاهراهه تي هٿياربندن پاران ٽرالر ڊرائيور ۽ مسافرن کان روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦري مزاحمت تي هٿيار بندن هٿان ٽي مسافر زخمي، پٽ شاهه پرسان قومي شاهراهه تي ميرڻ جي ڪوٽ وٽ ڦر واقعو پيش آيو جتي مسافرن ۽ ٽرالر ڊرائيور پاران ڦر ڪندڙ هڪ هٿياربند کي سوگهو ڪيو ويو ڦر واقعي جي بروقت اطلاع تي ايس ايڇ او پٽ شاهه جي اڳواڻي ۾ پوليس نفري فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي وئي جتهن دوران هٿياربندن پوليس مٿان فائرنگ ڪري ڏني ۽ پوليس طرفان هٿياربندن خلاف پڻ جوابي فائرنگ ڪئي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

پٽ شاهه: ڦر دوران مذهمت تي زخمي ٿيلن کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

ڪنڊڪوٽ ۾ بدامني چوٽ، چڙهيل ڌوهاري واپاري کان 90 لک ڦر ڪري فرار

ڪنڊ ڪوٽ (د ر) ڪنڊ ڪوٽ شهر ۾ ڪافي عرصي کان بدامني ۾ روڪ ٿام ٿيڻ بعد ڦر جي واردات ٿي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڪاساڻي پاڙي ۾ ڏينهن ڏٺي جو ٻه نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن اناج منڊي جي واپاري وريل داس جي پٽ روي ڪمار کان ڦر ڪري ويا ڦرجي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٺل لڳ جوابدار پنهنجي گهرواري کي ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ جهانگي واهه ۾ جوابدار محمد شريف ملڪ مسمات نسيم کي گولين هڻي فرار ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڻائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو، پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي

لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام، جوابدار گرفتار نه ٿيو، واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

جيڪب آباد (د ر) تعلقي ٺل جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ جهانگي واهه ۾ جوابدار مڙس محمد شريف ملڪ پنهنجي نوجوان گهرواري مسمات نسيم کي ڪارنهن جو الزام ڏئي گهر اندر گوليون

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ ويجهو اوچتو گهر کي باهه، لکين رپين جو نقصان

پوليس ٿاڻو 109 آر ڊي پرسان حاجي رحيم بخش چوليائي جي گهر کي باهه لڳي

باهه لڳڻ سبب ٻن نياڻين جو ڏاج، 74 هزار روڪ، ڪڻڪ ۽ ٻيو سامان سڙي خاڪ

ڪنڊڪوٽ (د ر) ڪنڊ ڪوٽ ويجهو پوليس ٿاڻو 109 آر ڊي پرسان حاجي رحيم بخش چوليائي جي گهر کي اچانڪ باهه لڳي وئي جنهن نتيجي ۾ گهر ۾ پيل ٻن نياڻين جو ڏاج، 74 هزار روپيا روڪ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويا 12 ڪڻون ۽ ٻڪريون گهڻن سميت لکين روپين جو نقصان ٿيو آهي هن موقعي تي گهر ڌڻي حاجي رحيم بخش چوليائي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته خبر نٿي پئي ته باهه ڪيئن لڳي باهه ايتري تيز هئي جنهن جا شولا آسمان سان

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر خيرپور پاران ڊيوٽي تان مسلسل غير حاضر رهندڙ 29 ڊاڪٽرن کي شوڪاز نوٽيس جاري

خيرپور (د ر) ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر خيرپور ڊاڪٽر ڪليم الله شيخ ڊيوٽي تان مسلسل غير حاضر رهندڙ 29 ڊاڪٽرن ۽ هڪ ڊسپينسر خلاف ڪارروائي ڪندي کين شوڪاز نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن ۽ ذاتي حيثيت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا ويجهو نوجوان گهرو اڻبڻت تان زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو

ڳوٺ علي بخش لنڊ واسي 20 ورهين جي ضمير حسين لنڊ انتهائي قدم کنيو

سيٺارجا (ن ع) سيٺارجا ويجهو ڳوٺ علي بخش لنڊ جي رهواسي ضمير حسين لنڊ جي 20 سالا نوجوان پٽ فراز حسين لنڊ گهرو اڻبڻت تان خودڪشي ڪري زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو نوجوان جي موت تي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو سندس امڙ کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا هر طرف آنهن ۽ دانهن سان ڳوٺ جو ماحول سوڳوار بڻجي ويو جڏهن ته مرحوم جي جنازه نماز ادا ڪرڻ بعد ڪيس آبائي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

ٽنڊوالهيار ۾ ڳوٺاڻن جو بااثرن جي ڏاڍاين خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽنڊوالهيار (د ر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ سومرو لغاري جي رهواسي عورتن پاران ڳوٺ جي بااثر ماڻهن جي ڏاڍاين خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ڳوٺاڻي عورتن بشيران

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، ٻيو زخمي

ٽالڙائي اسٽاپ ويجهو ڪوري ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ احمد علي مهر موقعي تي فوت، قائم گجو زخمي ٿي پيو

زخمي ۽ لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

عمرڪوٽ (د ، ر) عمرڪوٽ ميرپورخاص روڊ تي ٽالڙائي اسٽاپ ويجهو ڪوري ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ آمهون سامهون ٽڪر جي نتيجي ۾ افسوسناڪ حادثو پيش آيو جنهن ۾ هڪ ڄڻو فوت جڏهن ته ٻيو سخت

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: [illegible]

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-PROD-319342932-2026	ACQUIRING PREMIUM THREAD DRILL COLLAR SERVICES	12.05.2026 1030 Hrs
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-CSR-60-3736-316097936-2026	SUPPLY OF UTILITY WATER FROM TOC WATER PLANT To 10 VILLAGES AROUND TANDO ALAM OIL COMPLEX (TOC) HYDERABAD SINDH	12.05.2026 1030 Hrs
3.	OGDC-FC-CB-PRE-SHIPMENT-PQ-319567920-2026	OPEN FRAMEWORK AGREEMENT FOR HIRING OF SERVICES OF INSPECTION AGENCIES FOR VARIOUS ASSIGNMENTS	12.05.2026 1130 Hrs
4.	OGDC-SCM-FD-CB-PNP-NOF-318475419-2026	PRESSURE TRANSMITTERS	25.05.2026 1100 Hrs

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on 27.03.2026 and 07.04.2026, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LF-PT-ECMP-316421387-2026	HAULAGE TRUCKS	07.05.2026 1130 HRS
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-318079640-2026	1D MEM STUDY KHUZDAR NORTH X-01 WELL	19.05.2026 1030 HRS

AMENDMENT NOTICE

3. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on 17.04.2026, please find below necessary amendments:

TENDER ENQUIRY NO.	FOR CLOSING DATE & TIME	READ CLOSING DATE & TIME
OGDCL-SCM-LF-PT-PNP-UCH-315260665-2026 TUBE BUNDLE FOR AMINE SOLUTION COOLER	04.05.2026 1130 HRS	27.04.2026 1130 HRS

4. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
5. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
6. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
7. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
8. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3652 / 3780

ogdcl.com
No.198/46

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION | WE EXPLORE PROSPERITY

سوئم

نکہت فردوس

زوجہ گلزار علی

مینجنگ ڈائریکٹر

Adarts Karachi (Pvt.) Limited

23 اپریل 2026 بروز جمعرات، عصر تا مغرب
مبارک مسجد DHA، کراچی

سوگواران:
گلزار علی
صائمہ جنجوعہ، آسیہ گلزار، سعدیہ معیز

خواتین کے لیے فاتحہ خوانی کا انتظام:
گھر نمبر 82/I، خیابانِ بدر، فیز 6
28 ویں اسٹریٹ، DHA کراچی

SEPRA

سنڌ اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي
(SEPRA)

نمبر: SEPRA/Admn-1/2026 بتاريخ: 22 اپريل 2026

منسوخي جو نوٽيس

"عام ڄاڻ لاءِ هن نوٽيس ذريعي ظاهر ڪيو وڃي ٿو ته ٿرڊ پارٽي ٽيسٽنگ سروس جي چونڊ لاءِ 'ايڪسپريشن آف انٽريسٽ' (EOI)، جيڪو 9 اپريل 2026 تي مشهور اخبارن ۾ INF-KRY/1404/26 تحت شايع ٿيو هو، سو هن نوٽيس ذريعي منسوخ ڪيو وڃي ٿو."

رجسٽرار – SEPRA

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF-KRY/1566/26

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.